
ڪپيل نڪ
ڪهاڻيون
عباس سارنگ
نئون نياپو

# ڪپيل نڪ

(ڪهاڻيون)

## عباس سارنگ

ٿئون ٿيا پيو اڪيڊمي

سچل ڳوٺ، ڪراچي، سنڌ

ڊجيٽل ايڊيشن:

2017ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

**حق ۽ واسطا**

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | ڪپيل نڪ |
| موضوع: | ڪھاڻيون |
| ڪھاڻيڪار: | عباس سارنگ |
| ٽائيٽل ڊزائن: | سنڌي انعام |
| تعداد: | ھڪ ھزار |
| ڇپجڻ جي تاريخ: | ڊسمبر 2011ع |
| ڇاپو: | پھريون |
| پاران: | نئون نياپو اڪيڊمي، |
| | A-12 سچل ڳوٺ، گلشن اقبال ٽائون ڪراچي |
| | Cell # 0346-2103811 |

Rs. 90/=

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”ڪپيل نڪ“** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب خوبصورت ڪهاڻيڪار ۽ ليکڪ **عباس سارنگ** جي مختصر ڪهاڻين جو مجموعو آهي.

انعام عباسي لکي ٿو:
”عباس سارنگ جي حوالي سان اهو چوندس ته، هو هڪ فوٽو گرافڪ ڪهاڻيڪار آهي يا ڪٽي ائين چئجي ته هو اصل ۾ چترڪار آهي ۽ برش جي جاءِ تي قلم هٿ چڙهي ويو اٿس، ۽ هو پنهنجو اَمُلهه وقت وڃائڻ بنا ان ئي هٿيار سان ڪم ۾ لڳي ويو آهي ته، شل ترت هو پنهنجي حصي جو ڪم ڪري سنڌي ڪهاڻيءَ جي قافلي جو سهڪاري ٿئي.“

هي ڪتاب 2011ع ۾ **نئون نياپو اڪيڊمي، سچل ڳوٺ، ڪراچيءَ** پاران ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون نئون نياپو اڪيڊمي جي سرواڻ انعام عباسيءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پاٺڪن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# سٽاءُ

پبلشر جو نوٽ: سنڌي انعام/ 8
عباس جو ادبي ۽ فني سفر: غلام رسول ڪلهوڙو/9
احساسن جو ڪهاڻيڪار: پير عبيد راشدي/14
سماج ڪي آرسي پسائيندڙ: سومرو شبير احمد/16
حساس ماڻهوئي تخليق ڪري سگهي ٿو: س. ب. ڪوسو/18
هئڻ ۽ نہ هئڻ جي وچوٽي: جعفر جاني/21
هڪ لاجواب ليکڪ: عبدالحق آزاد مهر/23
معاشري کي آئينو ڏيکاريندڙ: سردار خان لاشاري/24
من جي ڊيسڪ تان : عباس سارنگ/25

# ڪهاڻيون

ڪپيل نڪ/ 26
ديوارن تان ڪريل رنگ/29
هڪ آرٽسٽ ۽ تصويرون/30
پينون/33
اُلڪو/33
انڌو انصاف/34
سگ/34
سرد رات جي ماٺ/35
عالمي ٻڌي/35
رن چور/35
مئل ماڻهو/36
شفق جهڙا چپ/36
ڳوڙهو رت مان نهي ٿو/37
ڇهون گل/37
ڪارو برقعو/38
چاپيون/39

مرجهايل گُل يا منهنجي دل/40
هڪ ٽوٽ برش جي اڪيلائي/41
سماج/41
مان صوفي آهيان؟/42
پڪي ڪڏهن بہ ڏک نٿا ڏين/43
فرشتو/44
آخري قدم/45
سچاتل اکيون/46
خواب جي حقيقت/47
مورتي منهنجي، ڪنهن جو خدا/49
وٽندڙ راز/52
نڪ جو پَڪو/53
پنهنجو پاڻ سان ناراض/54
درياهہ شاهہ/55
ايف. آءِ. آر/57
سرد ٿي ويل ڪهاڻي/59
شطرنج/59
سچڻ ۽ ساٽيھہ/60
پوپٽ/62
ڳورا قدم/62
نيٺ ٿوڙهي بند ٿئي پيو/65
جُهڙ نيٽئون نہ لهي/73
گناهہ/77
امير/77

# ارپنا

مان پنهنجو هي کهاڻي ڪتاب
پنهنجن دلي دوستن:
سومرو شبير احمد،
عاجز شهزاد ۽
ڪامريڊ حاڪم مگسي
جن کي ارپيان ٿو،
جن جي سات زندگيءَ کي گذارڻ جو ڍنگ سيکاريو.

عباس سارنگ

## پبلشر جو نوٽ

سنڌي ڪهاڻي ڪڏهن ڇوهه ۾ ته ڪڏهن سانت سلهاڙجي ماڳ ڏانهن سُرڪندي رهي ٿي ۽ پنهنجي پريل تريل جهول ۾ وڻ وڻ جي ڪاٺيءَ جا انيڪ نوان پراڻان آکاڻيءَ/ڪهاڻيءَ جا رنگ سهيڙيندي اڳتي وڌندي وڃي ٿي...

ڪڏهن انڪي سفر ۾ نسيم کرل، حفيظ شيخ ملي ٿو ته ڪڏهن علي بابا، ماڻڪ، امرجليل ۽ نجم عباسي ملن ٿا ته هوءَ گد گد ٿئي ٿي ۽ ڇَم ڇَم ڪندي اڳتي وڌي ٿي وڃي ۽ ڪي وِير ۽ وَٽيون اهڙيون به پسيون اٿائين جتان ڪير به ڪيس ڪنڌ ورائي ڪونه ٿو نهاري، جهڙيءَ ريت ڪي ورهه اڳ هيڪلتا ۾ هن گهاريو هو. پر هن مند ۾ مهل سنڌي ڪهاڻيءَ لاءِ چڱي ڀلي پاڻ پرائي ٿي پئي آهي جنهن ۾ اسان ڪي عباس سارنگ ته ڄڻ هڪ مهندار جيان سنڌي ڪهاڻيءَ جي وڳ ڪي اڳتي هڪليندو هلندو ٿو اچي، پر ان سان گڏو گڏ اڀُگٽيا ڀيا نوان نڪور ۽ رنگ برنگي آواز ۽ انداز پڻ وڏن جتن جي روپ ۾ اڳيان ڏوڪيندا نظرجن ٿا، جن جي مهندارن جا نالا ڳڻائبا ته ڪتاب ڪارا ٿي ويندا...

پوءِ به ڪجهه نالا هيٺ ڏجن ٿا: امداد ڪانهيو، حسيب ڪانهيو، علي اڪبر مگريو، لعل ساماروي، سيف الحق سيف، بهادر ٽالپر، احسان حيات، زاهد منگي، بيوس محرم مغيري، اختر حفيظ، احسان دانش، نصير ڪنير، منصور برڙو ۽ عورتن ۾ سنڌيا شاهه، شبانا سنڌي، سيده سدرة المنتهيٰ، شگفته جبين ۽ ٻيا اڀُگٽيا نالا چڱي موچاري هنر، ڏانءَ ۽ سُتاءَ سان سنڌي ڪهاڻيءَ جو جهول پرڻ جا جتن ڪري رهيا آهن.

پر هت خاص عباس سارنگ جي حوالي سان اهو چوندس ته هو هڪ فوٽو گرافڪ ڪهاڻيڪار آهي يا ڪٿي ائين چئجي ته هو اصل ۾ چترڪار آهي ۽ برش جي جاءِ تي قلم هٿ چڙهي ويو اٿس، ۽ هو پنهنجو اَمُلهه وقت وڃائڻ بنا ان ئي هٿيار سان ڪم ۾ لڳي ويو آهي ته. شل ترت هو پنهنجي حصي جو ڪم ڪري سنڌي ڪهاڻيءَ جي قافلي جو سهڪاري ٿئي....

اپاٽهار! شل سندس اهڙي پوتر جذبي کي وڏيڪ سگهه بخشي ۽ هو وڌ کان وڌ لکڻ ۽ پڙهڻ لاءِ ڏيان ڏري سگهي....

**سنڌي انعام**

# عباس سارنگ جو ادبي ۽ فني سفر

هي انهن ڏينهن جي ڳاله اهي، جڏهن حڪومت بهادر جي نوڪريءَ تان، تي قل پڙهي، مان باعزت طريقي سان رٽائر ٿيو هوس. مون پاري ماڻهو پاران، گورنمينٽ جي نوڪري تان ڪاميابيءَ سان رٽائر ٿيڻ بہ، حاتم طائي جي ستن سوالن، پوري ڪرڻ جي برابر هو. رٽائرمينٽ ڪانپوءِ، مان پنهنجي، وڏڙن جي شهر، جيڪب آباد اچي پهتو هوس، جو زندگيءَ جا باقي ڏينهن مونکي، وتائي فقير وانگر، ڏنڊو ڪٽي هتي ئي پورا ڪرڻا هئا!

هونئن تہ منهنجا، هن شهر ۾ ڪافي بزرگ، سينئر اديب، شاعر، ۽ ادب دوست موجود هئا، جن مان ڪيترائي الله ڪي پيارا ٿي چڪاهئا. سنڌ جو عوامي، رومانی ۽ انقلابي شاعر جناب عبدالڪريم گدائي، جنهن چيو هو "لاٽ ٻرندي رهي ساٿ هلندو رهي!" سو هاڻي هن شهر ۾ موجود ڪونہ هو. ان کان علاوه ڪامريڊ برڪت علي آزاد، غالب لطيف، گوپال پروانو ۽ پنهنجو هم عمر ساٿي فتاح عابد، هن فاني دنيا مان هميشہ لاءِ موڪلائي هليا ويا هئا، پر سندن پيار ڀريون رهاڻيون ۽ يادون، اڄان بہ منهنجي دل تي نقش آهن! مان جڏهن جيڪب آباد موٽي آيو هوس تہ ان وقت ادب جي حوالي سان، منهنجا هم عمر، اديب ۽ شاعر، آڱرين تي ڳڻڻ جيترا وڃي بچيا هئا، جن مان، ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو س.ب ڪوسو سائين قطب الدين تاب نمايان هئا. باقي ادبي لڏي جا سڀ دوست، عمر جي لحاظ کان، مونکان گهڻو ننڍا هئا. هتي، مانواري اسحاق شيخ جو ذڪر ڪرڻ بہ ضروري آهي، جيڪو نہ صرف ادب دوست هو پر سن 66_1965 دوران سنڌي ادبي سنگت جيڪب آباد جو سيڪريٽري پڻ ٿي رهيو آهي.

سنڌي اديبن ۽ شاعرن جي هڪ خاص "خوبي" اها پئي رهي آهي تہ حياتيءَ ۾ انهن کي پنهنجي جاءِ نصيب ڪانہ ٿيندي آهي. ان جو مثال مان پنهنجي بزرگ شاعر عبدالڪريم گدائي کان شروع ڪندس، جنهن کي پنهنجي حياتيءَ ۾، مٿي ڍڪڻ لاءِ پنهنجي جاءِ نصيب ڪانہ ٿي ۽ هو سدائين مسواڙي جاين تي گذارو ڪندو رهيو ۽ اهي جايون بہ ڪيس زمين جي هيٺين منزل تي نہ، پر سدائين مٿين منزل تي ملنديون رهيون. ساڳئي حالت ڪامريڊ برڪت علي آزاد سان هئي. ڪامريڊ نہ صرف هڪ سٺو ليکڪ ۽ مقرر هو پر هن هندوستان جي آزاديءَ واري تحريڪ ۾ پڻ پنهنجي وس آهر حصو ورتو هو ۽ آشرم ۾ مهاتما گانڌيءَ سان گڏجي ڪم ڪيو. سکر ۾ رهائش دوران هي هندوستان پڻ ويو جتي، ننڍي کنڊ جي آزادي واري تحريڪ ۾ حصي وٺڻ سبب هن کي ان وقت جي وزيراعظم اندرا گانڌي کيس خدمتن جي عيوض حڪومت جو اعليٰ ايوارڊ ڏنو.

منهنجي رٽائرمينٽ کان پوءِ، موسان بہ ساڳئي حالت لاڳو هئي، هتي مون کي پنهنجي جاءِ ڪانہ

هئي!انجو هڪ سبب اهو ٻه آهي ته اسان جي سنڌي معاشري ۾ اجان اديبن، شاعرن ۽ دانشورن جو اهو قدر نه ٿيو آهي، جڪو قدر ترقي يافته ملڪن ۾ ٿيندو آهي. انهن ملڪن ۾ ته ملڪ جو صدر ٻه هڪ نامور اديب ۽ شاعر سان گڏجي چانه پيئڻ ۽ فوٽو ڪڍرائڻ ۾ پنهنجي عزت سمجهندو آهي، پر اسان وٽ خبر ناهي اهو دور ڪڏهن اچي؟ شايد اچي ٻه يا نه؟! سنڌ جا اديب بغير ڪنهن لالچ جي انيڪ مضمون لکي، سنڌي اخبارن جو پيٽ پريندا آهن ۽ انهن جي لکڻين سان، اخبارن جا مالڪ ڪروڙپتي بڻجي ويندا آهن، پر ويچارا اديب، ڦاٽل چپلن سان، شهر جا روڊ رستا ماپيندا رهندا آهن! هڪ وڏي اخبار جي مالڪ جي ڪنڌ ۾ سدائين ڪلي لڳل هوندي آهي، جنهن ڪري هو هڪ مفلس اديب سان ملڻ ۾ پنهنجي گهٽتائي تصور ڪندو آهي. مون کي هڪ اخبار جي مالڪ ۽ هڪ ڏنگ وڏيري ۾ ڪو خاص فرق محسوس ڪونه ٿيندو آهي، ڇاڪاڻ ته اهي ٻئي طبقا، محنت ڪش طبقي جو استحصال ڪندا آهن. هڪ طبقو اديبن ۽ لکارين جو استحصال  ڪندو آهي۽ ٻيو غريب هارين ۽ محنت ڪشن جو!

جيئن  مون اڳ ۾ ذڪر ڪيو آهي ته رٽائرمينٽ کانپوءِ مونکي ٻه پنهنجي جاءِ ڪانه هئي، سو مسواڙي جاءِ جي تلاش ۾، مان شهر جي مشهور محلي فيملي لائين ۾ وڃي نڪتس ته هڪ بنگليءَ ۾، منهنجي سامهون ٻه نوجوان، موٽر سائيڪل تي سوار، منهنجي پر سان اچي لنگهيا. منهنجي پر سان موٽر سائيڪل بيهاريندي، پهرين نوجوان، مون ڏانهن اشارو ڪيو، ۽ هو مونکان پڇي رهيو هجي،"ڇا توهان، هتان چندو ونڻ آيا آهيو؟" ان مان، مون اندازو لڳايو ته اهو همراهه ضرور صحافي هوندو! پوءِ ان نوجوان، وري، مون سان گڏ بيٺل جاءِ جي مالڪ کان پڇيو (جيڪو مولائي ماڻهو پئي لڳو!) "ڇا، تون، هن ماڻهوءَ کي جاءِ مسواڙ تي ڏينداسين؟" ان تي، ان مولائي ماڻهو "ها" ڪئي. پوءِ مون ڏٺو ته ان نوجوان جو موڊ ڪجهه توازن ۾ نه رهيو! ۽ هن، هڪ ڪڙڪندڙ آواز ۾، ان مولائي کي چيو. "يار، جڏهن ٻه ڪنهن کي جاءِ ڏين ته اسان کان ته پڇندو ڪر؟!" پوءِ مونکي بعد ۾ اها ڳالهه معلوم ٿي ۽ منهنجو اندازو بلڪل صحيح نڪتو، اهو همراهه واقعي صحافي هو! بعد ۾ ٻيو نوجوان، جيڪو موٽر سائيڪل جي پوئين سيٽ تي ويٺل هو، اهو لهي، مون ڏانهن وڌي آيو ۽ مونکان پڇيائين: "سائين، اوهان غلام رسول ڪلهوڙو آهيو؟" مون هاڪار ڪئي ته هن گرم جوشيءَ سان هٿ ملائيندي چيو:"سائين، مان عباس سارنگ آهيان مان اوهان جي لکڻين جو مداح آهيان!"

جيڪب آباد جهڙي شهر ۾ جتي ماڻهو لکڻين کان علاوه هر شيءِ جا مداح هوندا آهن، اتي هي نوجوان منهنجي لکڻين جو مداح هجي، ان تي مونکي هن تي رشڪ ٿي آيو۽ پاڻ تي حيرانگي!

اڄ ان واقعي کي ذري گهٽ ڏهه سال گذري چڪا آهن ۽ هاڻي مان ، وڏي اعتماد سان چئي سگهان ٿو ته مان پڻ عباس سارنگ جي ڪهاڻين جو مداح آهيان! اها منهنجي زيادتي چئجي، جو مون سارنگ جا اڳ ٻه ڇپيل ڪهاڻي ڪتاب "پکي اڏاڻا پيار جا" ۽ "مقدس مٽي" تفصيل سان نه پڙهي

سگهيو آهيان، پر هي ڪهاڻي ڪتاب ”ڪپيل نڪ“ جو تفصيلي مطالعو ڪيو اٿم. مونکي خوشيءَ سان گڏ حيرت بہ ٿئي ٿي تہ سارنگ اهڙيون خوبصورت ڪهاڻيون بہ لکي سگهي ٿو. هنجون ڪي مختصر ترين ڪهاڻيون ايتريون تہ جاندار آهن جو ذهن کي لوڏيو ڇڏين! سارنگ جي هڪ مختصر ترين ڪهاڻي آهي، ”پينون“ ان ڪهاڻيءَ ۾ هن ڇا تہ، هڪ پينون فقير ۽ مرشد سائين جي پيٽ ڪئي آهي! هڪ فقير، جيڪو پنهنجي پيٽ جي باھ وسائڻ خاطر، سڌن سادن لفظن ۾ هڪ دوڪاندار جي اڳيان صدا هڻي ٿو:

”بابا! الله سڻائي ڪندو فقير کي ڪجھ ڏيو!“—

ان سان، دوڪاندار جو مرشد، جيڪو اڳ ۾ دوڪان تي ويٺل آهي ۽ دوڪاندار لاءِ دعا گهرڻ بعد ان ڏانهن معاوضي طلب نگاهن سان ڏسي ٿو هن جڏهن فقير کي ڏنو تہ کيس ڇڙٻ ڏيندي چوي ٿو:

”هل ڙي هتان، آيو آهي پنڻ، پينون، پينونءَ جا پٽ!“

ان کان علاوه هن مجموعي ۾ ٻيون بہ خوبصورت ڪهاڻيون موجود آهن، جنجو ذڪر مان اڳتي هلي ڪندس.

ڪو دور هو جڏهن ڪهاڻي کي، افساني، جي نالي سان سڏيو ويندو هو. اردوءَ ۾ تہ ڪهاڻيءَ کي اڄ بہ افسانو چون. هنڪان اڳ سنڌي زبان ۾ بہ ڪهاڻيءَ کي افسانو ڪوٺيو ويندو هو. پر منهنجي خيال ۾ ”افساني“ جي بجاءِ ڪهاڻي بهترين لفظ آهي، ڇو تہ ڪهاڻيءَ ۾، افسانوي واقعن سان گڏ، زندگيءَ جي حقيقتن کي پڻ بيان ڪيو وڃي ٿو. ان کان علاوه ڪهاڻي چند ساعتن يا چند گهڙين تي بہ منحصر ٿي سگهي ٿي، جيئن هن ئي مجموعي ۾، مون ڪهاڻي ”پينون“ جو ذڪر ڪيو آهي.------

اها هڪ حقيقت آهي تہ تخليقي ادب ۾، جيڪو پارٽ ڪهاڻي ادا ڪيو آهي، انساني ڏکن ۽ سکن جو ۽ حقيقتن جو ، جيترو بيان/اظهار ڪهاڻين ۾ آيو آهي، اهڙو حصو شايد ادب جي ڪنهن ٻي شعبي ۾ آيو ئي نہ هجي! اهو ئي سبب آهي جو هن دور ۾، تخليقي ادب ۾، ڪهاڻي سڀ کان وڌيڪ لکي ۽ پڙهي وڃي ٿي. هر ڪهاڻيڪار پنهنجي طور طريقي ۽ اسٽائيل سان لکي ٿو. هن دور ۾ ڪهاڻيون نہ صرف روايتي انداز ۾ لکيون وڃن ٿيون پر هينئر ڪهاڻين لکڻ جا ٻيا بہ ڪافي انداز پيدا ٿي پيا آهن. روايتي ڪهاڻين ۾ تہ هڪ طئي ٿيل طريقو يا انداز هوندو هو مثال طور، ڪهاڻيءَ جو پلاٽ، اڳواٽ ذهن ۾ رکيو ويندو هو. ڪهاڻي جي شروعات، وچ ۽ آخر ۾ ڪلائيمڪس يا پڇاڙي. اهي ڪهاڻيون، گهڻو ڪري بيانيہ انداز ۾ لکيون وينديون هيون، پر هينئر ائين ڪونہ ٿو ٿئي! جيئن مون اڳ ۾ چيو آهي تہ ڪهاڻي لکڻ جا ڪافي انداز ۽ طور طريقا ٿين. هاڻي پلاٽ ليس (بغير پلاٽ جي) ڪهاڻيون بہ لکجن پيون، ڊائيلاگ فارم يعني گفتگو واري انداز ۾ بہ ڪهاڻيون لکجن پيون، ان

ڪان علاوه، مونو لاگ، جنهن ۾ ڪهاڻيڪار هڪ فرد کي پيش ڪندو آهي ۽ اهو فرد ئي اول ڪان آخر تائين، پاڻ سان ڳالهائيندو رهندو آهي يا ائين ڪٽي چئجي تہ پنهنجي داخلي اڌمن جو اظهار ڪندو آهي. هينئر "آڪ" ڪهاڻيون لکجن پيون جيڪي گهٽو ڪري، ڪهاڻيءَ جي آخري حصي ڪان شروع ٿين ٿيون يا ائين ڪٽي چئجي تہ آڪ ڪهاڻيءَ ۾ ڪنهن بہ رٽيل طور طريقي جي پابندي ڪانہ هوندي آهي، پر ان ڪهاڻيءَ ۾ ايتري جان ضرور هجي، جو پڙهندڙ ان کي پسند ڪري.

هڪ ٻي ڳالهہ جا، مان ڪهاڻيءَ جي حوالي سان چوڻ چاهيندس، اها، هي تہ ڪهاڻي گهٽو ڪري، ان دور ۾ لکي ويندي آهي، جڏهن انساني جذبا جوان هوندا آهن. زندگي ۾ رنگيني جو عنصر ڪجه سرس هوندو آهي ۽ اهي ڪيفيتون يا تہ شاعري لاءِ اتساهہ ڏيارينديون آهن يا ڪهاڻي لاءِ. پوءِ جڏهن انسان، جوانيءَ جون حدون ٽپي، عمر جي ٻي دور ۾ داخل ٿئي ٿو جنهن کي اسين، پوڙهائپ بہ چئي سگهون ٿا. ان دور ۾ انساني مزاج بدليو وڃي ۽ هن ۾ انهن جذبن جي اٽاٽ پيدا ٿيو وڃي، جيڪي جذبا، جوانيءَ واري دور ۾ ان سان لاڳو هوندا آهن. اهو ئي سبب آهي، جو پنهنجي وقت جي وڏن وڏن ڪهاڻيڪارن ۽ اديبن، گهٽو ڪري ڪهاڻيون لکڻ ڇڏي ڏنيون اهن ۽ هينئر هو مضمون ۽ مقالا لکن ٿا. انهن اديبن ۽ ڪهاڻيڪارن ۾ مانوارو امرجليل، مشتاق شورو، شوڪت شورو، غلام نبي مغل ۽ مانواري مهتاب محبوب ۽ ٻيا ڪيترا ئي ڪهاڻيڪار شامل آهن، جن هينئر ڪهاڻيون لکڻ تقريبن ڇڏي ڏنيون آهن، اهو بلڪل ائين آهي، جيئن فلمن جا وڏا اداڪار، پهريائين فلمن ۾ هيرو جو پارٽ ادا ڪندا آهن، پر عمر رسيده ٿيڻ ڪان پوءِ، هو ڪيريڪٽر ايڪٽر بڻجي ويندا آهن! (اهو منهنجو ذاتي رايو آهي)

جيئن مون اڳ ۾ ذڪر ڪيو آهي تہ هن مجموعي ۾ عباس سارنگ جون، ڪيتريون ئي اهڙيون ڪهاڻيون آهن، جيڪي اسان جي بي رحم معاشري کي وائکو ڪن ٿيون، پر ان سان گڏ، اهو بہ واضع ٿئي ٿو تہ انساني ذهن، شيطان ڪان ڪيترو نہ اڳتي وڌي ويو آهي! هن نالي چڙهيل، مهذب دور ۾، انسان ذات جي ڪيتري نہ تذليل ٿئي ٿي، اهڙا واقعا اسان پنهنجي روزاني زندگيءَ ۾ ڏسي ۽ پسي سگهون ٿا، پر اسان اکيون ٻوٽي، انهن واقعن کي نظرانداز ڪري، اڳتي وڌي ويندا آهيون! هڪ مجبور انسان، پنهنجو ڪاڌو، گند جي ڍير تان تلاش ڪري ٿو پر گند جي ڍير ۾ بہ ڪاڌي جو فقدان پيدا ٿي ويو آهي! ڪهاڻي "ڪپيل نڪ" ۾ ڪهاڻيڪار اسان کي ٻڌائي ٿو تہ هن دور جا بي رحم انسان ڪيئن نہ انساني عضون جو واپار ڪن ٿا، انسان جي دل، بڪيون، اکيون، کهڙيون شيون آهن جنجو وکرو نٿو ٿئي؟ ايتري تائين جو انساني نڪ بہ وکرو ٿين ٿا! ٻين لفظن ۾ شايد ڪهاڻيڪار اهو چوڻ چاهي ٿو تہ هن دور جي انسانن کي پنهنجا "نڪ" ٿين ئي ڪونہ! تنهنڪري انهن مان بري ڀلي جي تميز نڪري ويئي آهي ۽ هو سدائين پيٽ جي پوڄا ۾ مصروف هوندا آهن ۽ پيٽ وري نڪ ڪان هيٺ ٿيندو آهي! مجموعي جي هي ڪهاڻي، جيڪا سارنگ جي علامتي انداز ۾ لکي آهي سپ

ڪان اثرائتي ڪهاڻي آهي.

”مورتي منهنجي، ڪنهنجو خدا“ هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ هڪ مجسمہ ساز جي بيوسي کي ڏيکاريو ويو آهي، جيڪو پنهنجي بيمار ڌيءَ جي علاج لاءِ سارو ڏينهن لڳائي، محنت سان هڪ مورتي(مجسمو) تيار ڪري ٿو. پوءِ جڏهن هو اها مورتي هو سيٺ ڏانهن ڪٽي وڃي ٿو تہ سيٺ کي گراهڪ طرفان، ان مورتيءَ جي هڪ معقول رقم ملي ٿي، پر سيٺ مجسمہ ساز کي سندس محنت جو معاوضو ڏيڻ بجاءِ، ائين ئي ڪيس ٽرڪائيندي چوي ٿو تہ هو اڳ ئي هن جو گھڻو قرض کٽي چڪو آهي، تنهنڪري پهريائين اهو قرض چڏائي تہ پوءِ هن کي باقي معاوضو ملندو ۽ پوءِ جڏهن مجسمہ ساز بخيل سيٺ مان نا اميد ٿي، گھر واپس ٿئي ٿو تہ سندس نياڻي، هن جهان کي ڇڏي وڃي ٿي!

هن مجموعي جي هڪ ٻي ڪهاڻي ”درياهہ شاهہ“ سنڌ جي ڪرنگهي جي حيثيت رکندڙ سنڌو درياهہ سان تعلق رکي ٿي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ڪهاڻيڪار سنڌوءَ جي اوج ۽ زوال جي ڪيفيت بيان ڪئي آهي، جيڪا انتهائي ڏکوئيندڙ ۽ دردناڪ آهي ۽ ساڳي وقت اها ڪهاڻيڪار طرفان، سنڌي قوم کي هڪ خبرداريءَ جو سڏ پڻ آهي تہ جيڪڏهن هو هاڻي بہ سجاهہ نہ ٿيا تہ اڳتي هلي ڇا ٿيڻو آهي! ڪهاڻيڪار جو اهو سڏ (واڪو) ڪهاڻيءَ جي هيٺين جملن مان ظاهر ٿئي ٿو.

”بابا! توهان پنهنجي بابا سائين سان، درياهہ شاهہ تي ايندا هئا تہ درياهہ شاهہ مست ٿي وهندو هو اڄ مان توهان سان گڏ آيو آهيان تہ درياهہ شاهہ ۾ واري پئي اڏامي......پلا بابا! مونکي اهو ٻڌايو تہ جڏهن مان، پنهنجي پٽ سان، درياهہ شاهہ تي ايندم تہ ڇا درياهہ شاهہ هوندو؟!“

اهڙي طرح، هن مجموعي ۾ ٻيون بہ ڪافي ڪهاڻيون آهن، جن تي گھڻو ڪجهہ ڳالهائي سگهجي ٿو جيئن ”ٽوڙي بند ٽٽي پيو“، ”فرشتو“ وغيره.

غرض تہ عباس سارنگ، ڪهاڻيءَ جي فن ۾ ڏينهون ڏينهن ترقي ڪري پيو. مون کي اهڙي پڪ آهي تہ اڳتي هلي هن جو شمار سنڌ جي ناميارن ڪهاڻيڪارن ۾ ٿيندو.

غلام رسول ڪلهوڙو

جيڪب آباد

# احساس جو ڪهاڻيڪار- عباس سارنگ

ادب جي هر صنف ڪهاڻي، ناول، ڊرامو، شاعري توڙي آتم ڪٿا يا مضمون هڪ ئي شيءِ جا مختلف نالا آهن صرف فارميٽ تبديل آهي. سيني اسمن ۾ احساس جي اٿل هوندي آهي. معاشري ۾ هر ماڻهوءَ سامهون سڀ واقعا ٿين ٿا، پر پوکي رڳو اديب ٿو. اديب ئي پنهنجو نور نچوڙي معاشري ۾ ٿيندڙ واقعن جا قافلا، ڪهاڻي ۽ شاعري جي پلي سواري تي لڏي ٿو. اڄ جي ڪهاڻي سياڻ جي تاريخ آهي. جيئن آڳاٽي ڪهاڻي اڄ جي تاريخ. امر جليل، شيخ اياز، جمال ابڙو، علي بابا، نسيم کرل ۽ قمر شهباز سنڌي ادب جا سونهان سرواڻ آهن هنن جي سفر جي نشانن تي اسين سڀ سنڌي ڪهاڻي کي گولي لڳڻ واري ڳاله هڪ من گهڙت قصو سمجهون ٿا. هلو ائين به ڪٿي مڃون (کهڙي دل سان؟) ته گولي هلي به هجي پر اها هوا ۾ گسي وئي ۽ جڏهن گولي هلندي به آهي ته پويان هڪ لازوال ڪهاڻي ڇڏيندي آهي.

ادب تي وقتي طرح ماٺار ته ايندي آهي ڪجه قلمڪار وقتي يا ڊگهي ساهي ڪٽي وري ڪهاڻي قافلي کي پنهنجي ذاتي ۽ قومي پنڌ ڏانهن هاڪاريندا آهن. نوجوان نسل جا ڪهاڻيڪار جيڪي اسان کان پوءِ آيا، مثال: عدنان هاليپوٽو، سنڌيا شاهه، زيبا لاشاري، عباس سارنگ، منير چانڊيو ۽ مير بهادر ٽالپر وغيره ڪهاڻي کي گولي لڳڻ واري ڳاله کي گڏه جي هينگ جهڙو ڪري ڇڏيو. ماڻهوءَ جي اصلي سڃاڻپ سنس پورهيو هوندو آهي. عباس سارنگ هڪ ليکڪ جي حيثيت ۾ پنهنجو معاشرو، سنڌ مان نه ڄاڻ ڪيترين واقعتي ڪهاڻيون ڪٽي آيو آهي. ڪهاڻي "ڪپيل نڪ" هڪ معاشرتي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ هڪ ڊائيلاگ: "ان کي ڪهڙي خبر ته هي ڪپيل انساني نڪ ڪنهن جو آهي. هو پنهنجي ڊگهي نڪ کي سمجهي ناهي سگهيو ته هن کي ڪٿان سمجهندو؟" ساڳئي ڪهاڻي ۾ اڳتي لکي ٿو. "هڪ دڪان اڳيان انساني اکين جو ڍڳ لڳو پيو آهي. جنهن ۾ ننڍيون، وڏيون، جهريون، ڪاريون، ناسي، اڇيون مطلب ته هر قسم جون اکيون پيون آهن. هر هڪ اک پنج رپيا..... ڏسان ٿو..... ماڻهو پنجين رپين وارين اکين مان اکيون ڳولي پنهنجي چهري تي لڳائي وري ڦٽي پيا ڪن ۽ وري ڪي پسند ڪري خوشي خوشي پناڻ کي پيسا ڏئي رهيا آهن. انهن اکين واري دڪان تي ڪجهه خاص اکيون جيڪي مٿي ڪپڙن ۾ ٽنگيل آهن. جن جي ڏار ڏار قيمت اک جي قيمتي ۽ خوبصورت هجڻ جي حساب سان پناڻ گراهڪن کي ٻڌائي رهيو آهي. مون به ڪجهه اکيون ڪٽي ڏٺيون، هڪ کان هڪ خوبصورت اک آهي، مان حيران آهيان ته هتي اکين جي لُنڊي بازار ڪئين......!" اڃان اڳتي لکي ٿو. "اڳيئن دڪان تي وڏي ويم ته صرف انساني دليون ٽنگيل نظر آيون ۽ تمام سستيون ۽ ڪجهه مهانگيون به پر ايتريون به مهانگيون نه...... هر غريب ماڻهو پيو وٺي." سچ ته اکين جو نور دلين جي راز جو وکرو هڪ حساس ليکڪ ئي ڄاڻي ٿو.

عباس سارنگ جي ڪهاڻي ”پينون“ توڙي نهايت مختصر آهي پر موضوع جي حوالي سان هڪ جامع ڪهاڻي آهي. هن ڪهاڻي ۾ هڪ مرشد ۽ فريادي جي ڪهاڻي آهي. اڄڪله مذهب جي روحانيت جي حوالي سان وڏا کيل پيا ٿين. روحاني مرشد حقيقت ۾ نصيحت واري دڳ تي لائٽ وارو هوندو آهي پر اڄڪله نه مرشد وٽ اهو وکر نه مٽيا. جيتري قدرExpatiation جي ڳاله آهي ته هر هنڌ کيل کيڏيا پيا وڃن انهن ۾ مذهبي ٺيڪيدار ۽ سياسي ثناخور پڻ اڇي وڃن ٿا. هت نه رڳو موجوده مرشدن جي مت موڙهيل پر سياسي ٺيڪيدار جمهوريت ۽ سنڌ جي آڇپي جي ڪري پوتارن سان گڏ ويهندا، ڪارڪن سدائين ڦريل!

ڪهاڻي ”ڳوڙهو رت مان نهي ٿو“ پيار محبت جي مختصر ڪهاڻي پر جامع مطلب جي ڪهاڻي آهي. هڪ نوجوان کي هڪ نوجوان ڇوڪري پل وڇان چمي ڏي ٿي ۽ ڇوڪر جا رنگ متجي وڃن ٿا هو خوش ٿئي ٿو پر پوءِ ڇوڪري Sorry پنهنجي پل جو احساس ڏياري ٿي. جنهن نوجوان کي پلي ۾ چمي ملي ٿي الائجي ڇو محسوس ٿئي ٿو عباس سارنگ کي ئي پل ۾ چمي ملي هجي ۽ پوءِ ان چمي جي ڇهاو جي احساس ۾ ڪهاڻيڪار ٿي پيو آهي. سچ ته فراق ۾ هاريل ڳوڙهو ڪهاڻي ناول جو ڪارڻ ٿي پوندو آهي. هي جو عباس سارنگ آهي هن جي رولاڪي، پل ۾ مليل چميءَ هن جي اندر جي جهان ۾ ڪيترين ئي ڪيفيتن کي جنم ڏنو آهي ۽ هن انهن ڪيفيتن مان ڪيتريون ئي ڪهاڻيون ڳوليو آهن ۽ نقش ڪيون آهن. هڪ اهڙي ڪهاڻي ”آخري قدم“ جنهن ۾ سياستڪارن جا لڇڻ چٽيل آهن، جڏهن هو اقتدار کان پريهندو آهي ته عوامي ٿي پوندو آهي پورو ديش معاشرو کين دوزخ لڳندو آهي پر جڏهن ڪرسيءَ تي سندس نظر محدود ائين سڀ واعدا اقرار وساري ڇڏيندا آهن اهو هر ملڪ خداداد جو الميو ناسور آهي. ڪهاڻي جو نالو خبر ناهي ته ڪهڙي خيال کان ”آخري قدم“ رکيو ويو آهي.

”پکي ڪڏهن به ڏک نٿا ڏين“ انسان جي ازل کان خواهش ته آزاد هجي پکي وانگر پولارن ۾ گم ٿي وڃي ڪا سرحد نه هجي. عباس سارنگ جي نوجوان احساسن جي ڪهاڻي آهي. هو آزاد دنيا ڏسڻ چاهي ٿو پر جلدي احساس ٿئي ٿو پيين سان گڏ نهار به ٽڪي پوندي پر آخر ۾ اها ساڳئي پيو پسي حد بنديون. هڪ احساس جي ڪهاڻي آهي احساس ته هر ماڻهو وٽ هجي ٿو پر اديب وٽ ته احساسن جو اڻ کٽ سمونڊ هوندو آهي!

پير عبيد راشدي

پير جهنڊو شريف
21 نومبر 2010 ع جي شام

# سماج کي آرسي پسائيندڙ- عباس سارنگ

جيئن جيئن سماج ۾ تبديلي ايندي رهي ٿي تيئن تيئن ان جو اثر ڪهاڻي تي به پئي ٿو. ڪهاڻي سماج سان واڳيل آهي, هن کي سماج کان ساھ ملي ٿو. ڪهاڻي سماج جي صاف, چٽي آرسي آهي. سماجي تبديليءَ کي ڪهاڻيڪار چڱي طرح ڏسي ٿو ان کي سمجهي, پرکي ٿو ان جو چڱيءَ طرح مطالعو ۽ مشاهدو ڪري ٿو ۽ پوءِ ان کي ڪهاڻيءَ ۾ محفوظ ڪري ٿو. ڪهاڻيڪار سماجي مثبت تبديليءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو ان فطري تبديليءَ جي رفتار ۾ اضافو ڪري ٿو. تبديلي هر شيءِ ۾ اچي ٿي, ڪي نواڻ پسند ماڻهو اهڙين تبديلين کي جهٽي ٿا وٺن, انهن ۾ نواڻ آڻڻ جا جتن ڪن ٿا.

ڪهاڻيءَ ۾ به جڏهن کان نواڻ پسنديءَ جو رجحان وڌيو آهي تڏهن کان ڪوڙ ساترين ڪهاڻيون نواڻ جي آڙ ۾ ڪوڙ ساترن اسلوبن ۾ اسان آڏو آيون آهن. اهڙين ڪهاڻين کي ڪيترو Own ڪيو ويندو. سماج کي ڪيترو ڦل ملندو ڪجھ چئي نٿو سگهجي. نواڻ پسندي سٺي شيءِ آهي پر ان جي آڙ ۾ جيڪڏهن ڪنهن شيءِ جو حليو مٽجي وڃي ته مان سمجهان ٿو اها نواڻ پسنديءَ سان ته جٺ ٿيندي ئي پر خود ان شيءِ سان به نا انصافي ٿيندي.

هلندڙ ڏهاڪي ۾ ڪهاڻيءَ جا اهڙا اسلوب آڏو آيا آهن جو حيرانيءَ ۾ سر وٺي ويهي رهجي. نثري ٽڪرا به ڪهاڻي بڻجي ويا آهن ته نثري نظم به ڪهاڻي ۽ اهو مختصر ڪهاڻي جو اسلوب سڏائجي پيو. وقت وڏو نقاد آهي اهو سڀ صاف ڪندو ۽ ٻڌائيندو ته ڪهاڻي جديد اسلوب ڪهڙو آهي؟

نئين ٿهي ڪهاڻي لکڻ ۾ وقت نه وڃايو آهي, جديد ڪهاڻي لکجي پئي, نواڻ پسندي ۾ به رواجي انداز ۾ به. جيڪي نواڻ پسندي جي ڪڍ ڊڪن ٿا اهي ڪيترو ڪامياب وڃن ٿا ۽ جيڪي رواجي انداز ۾ ويهي لکن ٿا اهي ڪهڙو ٻوٽو ٻارين ٿا, وقت جو نقاد ضرور ٻڌائيندو. پر هڪ ڳالھ مڃڻ جهڙي ضرور آهي ته جيڪو مواد نقاد کي هن ڏهاڪي ۾ مليو آهي ان کي پرکڻ لاءِ شايد نقاد کي ٻيو ڏهاڪو لڳي وڃي. جنهن تيزي سان ڪهاڻيڪار پيدا ٿيو آهي, اهڙيءَ تيزي سان ڪهاڻي جي مقدار ۾ به اضافو ٿيو آهي. اڄ جو ڪهاڻيڪار ڪهڙي به اسلوب ۾ ڪهاڻي لکي ٿو پر لکي ضرور ٿو. اڄ جو ڪهاڻيڪار نوجوان آهي ۽ سماج کان بيخبر ناهي, هن کي سماج کان ڪوڙ چيلنجز مليا آهن ۽ انهن چيلنجز کي فيس ڪري ٿو.

اڄ جي نئين ٿهي ۾ شامل عباس سارنگ جو هي ٽيون ڪهاڻي ڪتاب آهي, هو هن ڏهاڪي ۾ ٽي ڪهاڻي ڪتاب ڏئي چڪو آهي, اها ڪا عام يا ننڍڙي ڳالھ نه آهي, عباس سارنگ اڄ جي

سماج ڪي تبديل ٿيندي ڏسي ٿو ان جو مطالعو ڪري ٿو ان جو مشاهدو ڪري ٿو ان مان جڏهن اتساهه وٺي جڏهن ڊيسڪ تي ويهي ٿو ته نه ڄاڻ ڇو هو اسلوب جي جنجهٽ ڪان پري ڀڄي ٿو.

ها، رواجي ڪهاڻي جو اسلوب ڄاڻي ٿو ان جي چڪر ۾ نٿو پوي، هو شايد نئين اسلوب ڪي ڄاڻي ٿو پر ان جنجهٽ ۾ به نٿو پوي. هو بس لکي ٿو سماج ڪي آرسي ذريعي چٽو ڪري عام ڪي ان جي شڪل پسائڻ جي ڪوشش. جتن ٿو. ان ۾ هو مختصر ڪهاڻي جي چڪر ۾ ڪٿي ڪٿي گسي ڪهاڻي ڪي مضمون به بڻائي ٿو وجي ته اخباري خبر به. پر مجڻ جي ڳالهه اها آهي ته هن جون ڪوڙ ساتريون مختصر ڪهاڻيون هن سماج جو هو بهو عڪس آهن. هن جي حقيقت آهن ته اسلوب ۾ نواڻ به آهن. هن جي ڪيترن ئي ڪهاڻين تي مون ڪي رشڪ ايندو آهي ۽ مون ڪي خوشي ٿيندي آهي. ڪهاڻي جي حوالي سان مان ڏاڍو محتاط آهيان، مان ان حوالي سان سمجهوتي ڪي پاڻ لاءِ ڪفر ٿو سمجهان.

مان عباس سارنگ جي هر ڪهاڻي تي ”واهه“ نٿو ڪري سگهان، مان ان ڪي ماڻ ۽ ماپي تي آٽيان ٿو ڪهاڻي پوري آهي ته ”واهه“ نه ته ”يار“ هيءَ ڪهاڻي ناهي، مون ڪي نٿي وڻي.

۽ عباس سارنگ جون ڪافي مختصر ڪهاڻيون مون ڪي وڻن ٿيون، مان ”واهه“ ڪيان ٿو ڇو ته اهي ڪهاڻيون پنهنجو پاڻ مڃائن ٿيون. اهي ڪهاڻيون جديد به آهن، مختصر به آهن ۽ بيان ۾ به دقت سان به نٿيون رکن. سماج جي هو بهو عڪاسي ڪن ٿيون، ان جي فطري تبديلي جي رفتار ڪي به اڳتي وڌائن ٿيون، يقينن ايندڙ ڏهاڪي ۾ نقاد هنن ڪهاڻين ڪي پنهنجي ڊيسڪ تي ضرور آڏو رکندو ۽ هنن ڪهاڻين تي قلم کڻندو.

سومرو شبير احمد

جيڪب آباد
25_11_2010

# حساس ماڻهوءَ ئي تخليق ڪري سگهي ٿو

1990 واري ڏهاڪي ۾ امير بخش ڀٽي جي ڪلينڪ (اسان ان مان اوطاق وارو ڪم پئي ورتو) تي ٻن نوجوانن سان ملاقات ٿي. ساڻن لکڻين، ترجمي ۽ حفيظ شيخ تي ڪوڙ ساريون ڳالهيون ٿيون پوءِ اهو سلسلو ملاقاتن جو شروع ٿيو.

1980 واري ڏهاڪي ۾ آئون سنڌي ادبي سنگت جو سيڪريٽري رهيس سنگت شاخ جيڪب آباد انتهائي متحرڪ شاخ هئي نه رڳو هفتيوار ڪچهريون پر ٻيا ادبي فنڪشن به ٿيندا هئا. ڪهاڻي ڪانفرنس به منعقد ڪئي ويئي. رشيد ڀٽي ڪان ليڪچر ڪرايو ويو. ملڪ نديم سان شام ملهائي ويئي. ٻيا ڪوڙ سارا ادبي ميڙ به ٿيا. جنهن ۾ ف.م لاشاري، انورپيرزادو، مونس اياز، ساحر پريمي، غلام رسول ڪلهوڙو(ان وقت سکر ۾ پرنسپال هو) آدرش(ارشاد شيخ) اياز ابڙو، اعجاز منگي ٻيا ڪوڙ دوست شريڪ ٿيا. اهيو ادبي سفر جاري رهيو ۽ 1990 واري ڏهاڪي ۾ داخل ٿياسين. ادبي پروگرامن ۾ ٻئي نوجوان دوست بنا دعوت جي شامل ٿيندا هئا. شادي جو ڪاج هيو ڪونه جو انهن کي دعوت وارو ڪارڊ ڏجي، قومي ڪاج هيو ۽ ٻئي نوجوان دوست ٻولي سان نينهن نيائڻ جو فرض سمجهي شامل ٿيندا هئا. پوءِ انهن ٻنهي دوستن سان ويجهڙائپ ٿيندي وئي. اهي ٻئي دوست هئا سومرو شبير احمد ۽ عباس سارنگ. ڪاله جا نئين ٿهي جا ليڪ اڄ جا مڃيل اديب شاعر ليکجن ٿا. ان جو ڪارڻ اهيو آهي ته انهن کي پنهنجي ٻولي ادب سان محبت آهي.

اڳتي هلي ٻئي دوست سنگت سان سلهاڙجي ويا. عباس سارنگ ۽ سومرو شبير احمد ڪڏهن شاعري ڪڏهن مضمون ته ڪڏهن ڪهاڻيون پيش ڪندا رهيا. عباس سارنگ ڪهاڻيڪار ٻڻجڻ جو سوچي چڏيو هيو ان ڪري هن فتاح عابد سان ياري رکي. سندس دربار ۾ حاضر ٿي ڪهاڻين تي ويچار ونڊيا ۽ پوءِ هن ڪيئي ڪهاڻيون تخليق ڪيون سندس به مجموعا ڇپجي پڌرا ٿيا آهن.

عباس سارنگ حساس ماڻهو آهي. هڪ حساس ماڻهو ئي تخليق سرجي سگهي ٿو. ميٽ ماٽ ۾ ڪهاڻيون سرجيندو رهي ٿو. سرڪاري ملازم به آهي. پنهنجو ملازمت وارو فرض به چڱي طريقي سان ادا ڪري ٿو ته وري سنڌي ٻولي سان نينهن نيائڻ وارو فرض به پورو ڪندو رهي ٿو.

عباس سارنگ مختصر ڪهاڻيون به ڏاڍيون جاندار لکيون آهن جيڪي مختلف رسالن ۾ شايع پڻ ٿيون آهن جن کي پڙهندڙن ڏاڍو سارا هيو آهي. هن مجموعي ۾ سندس 35 ڪهاڻيون شامل آهن جن ۾ مختصر ڪهاڻيون به شامل آهن. سندس سموريون ڪهاڻيون پڙهڻ جوڳيون آهن جيڪي ذهن جا تاڪ کولي ڇڏين ٿيون.

هر ماڻهو هر روز سماج جو اولڙو پسي ٿو پر روايتي انداز سان. سوچي اڳتي نڪري وڃي ٿو ۽ ذهن جي پٽي تان نيساري ڇڏي ٿو پر اديب جي قلم مان نڪتل طنز جا تير لفظن جا چٽيل منظر وڏيڪ اثرائتا هوندا آهن. پڙهڻ سان ذهن جي ڪينواس تي اهي چتر چانيل رهندا آهن. عباس سارنگ جون ڪهاڻيون بہ اهڙو ئي اثر ڇڏين ٿيون.

”ڪپيل نڪ“ هڪ جاندار ڪهاڻي آهي جنهن ۾ هن دلين جي سودي جي ڳاله ڪئي آهي. اک ۽ نڪ انساني سرير جا اهم عضوا هجڻ سان گڏ حيا جي علامت بہ آهن. هونئين تہ هر عضوو اهم آهي. قدرت جي تخليق حضرت انسان امله تخليق آهي پر اک ۽ نڪ شرم ۽ حيا وارو تصور پيش ڪن ٿا.. وري دل پيار ۽ پنهجائپ جي اهڃاڻ آهي. سماجي حالتن کي سامهون رکي هن ڪهاڻي تخليق ڪئي آهي. بقول هڪ شاعر:

”هر چيز يهان بڪتي هئي، بولو جي کيا کيا خريدوگي“

”ڪپيل نڪ“ ۾ ۾ چئي ٿو“ مون غور ڪيو تہ جيڪو بہ ماڻهو نڪ وڻڻ تي آيو انهن مان ڪنهن کي بہ پنهنجو نڪ نہ هو.“

مختصر ڪهاڻي ”پينون“ بہ قاري تي سٺو اثر ڇڏي ٿي. بہ گهرنڊڙ ڪردار هڄ جو نالو ”مرشد“ آهي ٻي جو نالو ”پينون“ آهي پر ڪم ٻنهي جو ساڳيو آهي چوندا آهن تہ فقير فقير کي نہ سهي ڪهاڻي جي پڇاڙي بہ انهن لفظن سان ٿيل آهي ”هل ڙي فقير آيو آهي.... گم ٿي تہ ڪيانءِ نہ بيعزتو.... پينون، پينون جا پٽ........“

”ڪارو برقعو“ ڪهاڻي عام رواجي ڪهاڻي آهي اسان کي رستن تي ڪٿي برقعو پاتل عورتون پننديون نظر ايندي آهن ۽ هر ماڻهو کين ڇڱو نٿو سمجهي....ليڪ هن ڪهاڻي ۾ عورت جو مورال مٿاهون ڏيکاريو آهي.

”صرف پنندي آهين يا ٻيو ڪو ڌنڌو بہ ڪندي آهين“

”تہ پوءِ هلون......؟“

ان تي فقيرياڻي پنهنجو سڌو هٿ مٿي ڪري منهن ۾ بجو وهائي ڪڍيائنس ۽ چوندي ويس:

”تو جهڙا ڪيترا ئي ڪتا، ائين ئي روزانو ڀونڪندا رهندا آهن.....“

ڪهاڻي ”درياءَ شاه“ ۾ ليڪ سوال ڇڏي ويو آهي.

” بابا توهان پنهنجي بابا سائين سان درياءَ شاه تي ايندا هئا تہ درياءَ شاه مست ٿي وهندو هو......اڄ مان توهان سان گڏ آيو آهيان تہ درياءَ شاه ۾ رڳو واري پئي اڏامي.....پلا بابا! مونکي اهو تہ ٻڌايو جڏهن مان پنهنجي پٽ سان درياءَ شاه تي ايندم تہ ڇا دريا شاه هوندو!؟؟؟؟“

ڪهاڻي ”فرشتو“ پڙهڻ سان آءُ ماضي ڏانهن ڌڪجي ويس اهڙو واقعو جيڪب آباد ۾ ڪجھ عرصو اڳ پيش آيو هو. هڪ ڳيرو سونهن ڀريو جوان پنهنجي دوست سان ملڻ لاءِ سندس گهر وڃي پر سندس

بيواهه ماءُ ڪائنس اجر وارو ڪم ورتو. تخليقڪار سماجي مسئلي کي ڪنيو آهي.

ڪهاڻي " آخري قدم" اقتدار ۾ ايندڙ سياستڪارن جي هڪ سچي تصوير آهي ۽ اڻ برابري واري سماج جو چٽو عڪس آهي.

"توڙي بند ٽٽي پيو" تازي زخم جي ڪهاڻي اهي پوڙ جيڪي ڪهر ڪيا ان جا سور صدين تائين وساري نه سگهبا هن ڪهاڻي ۾ عباس سارنگ سياسي نعرن کان به ڪم ورتو آهي. اسان جي هن وڏيرڪي، جاگيرداري واري سماج ۾ هاري ايترو باشعور ڪون ٿو نظر اچي. مونکي پڪ آهي ته ڪتاب پڙهندڙن وٽان مان ماڻيندو.

س.ب. ڪوسو

جيڪب آباد

# هڏڻ ۽ هڏڻ جي وچوٽي

عباس سارنگ جي ڪهاڻين جا ٻہ ڪتاب اڳ ۾ ڇپجي چڪا آهن ۽ هي سندس ٽيون ڪتاب آهي، مونکي يقين آهي ته عباس جي هن ڪتاب کي به اڳين ٻن ڪتابن جيان، ڪو اعزاز ڪو ايوارڊ ڪون ملندو ڇو.......؟ اهو "ڇو" ئي ته ڪهاڻيون سرجڻ جو بنياد آهي ۽ جيسين ماڻهوءَ ۾ هئڻ جو احساس هوندو، تيسين انهيءَ "ڇو" جي ابت ڪنڊڙي ماڻهوءَ جي ذهن ۾ چڀندي رهندي. ڪهاڻيون تخليق ٿينديون رهنديون ۽ قصہ گو پيدا ٿيندا رهندا.

منهنجو دوست عباس سارنگ بہ هڪ عام قصہ گو آهي، سندس ڪهاڻيون بہ عام ماڻهوءَ جون ڪهاڻيون آهن. عام يعني ڪت خلقت. ڪت خلقت، يعني مان ۽ تون. تون جيڪو هن وقت عباس سارنگ جون ڪهاڻيون پڙهي رهيو آهين. تون، منهنجي مون آهين، يا مان تنهنجو عڪس آهيان، اهو تنهنجو منهنجو مامرو آهي، عباس سارنگ جو موضوع ڪونهي، عباس سارنگ جو موضوع آهي، پاڻ ٻنهي جي پيڙنا، پاڻ ٻئي کهڙي به رنگ، نسل يا قوميت سان وابسطہ هجون، پر پاڻ ٻنهي جون پيڙائون ۽ ڳوڙها ته هڪ جهڙا ئي آهن نہ! انهن پيڙائن ۽ ڳوڙهن جي اظهار کي ئي ته اسين عباس سارنگ جون ڪهاڻيون چوندا آهيون. ڇا، منهنجي ۽ تنهنجي سرگزشت ۾ ڪا نئين ڳاله آهي، مطلب ڪا خاص ڳاله!، نہ بنه نہ، پاڻ ته عام ماڻهو آهيون، سو عباس سارنگ جون ڪهاڻيون بہ ته عام ليکبيون نہ! عباس سارنگ جي ڪهاڻين جي بہ مون ۽ تو جيان ڪا ابتدا ڪا انتها ناهي هوندي، فقط وجود هجي ٿو هئڻ ۽ نہ هئڻ جي وچوٽي، تصور، تخيل ۽ خواب......بس ٻيو ڪجه به نہ. ڪهاڻيءَ جي فن تي ڪٿي سوچجي بہ، پر ڇا سوچجي! ابتدا......امان جو ڪنجهڻ، بابا جو مونجهارو ۽ دائيءَ جي سامرجيت......!

پلاٽ.......! گهر ۾ ٻارن لاءِ تيل ٿيڻ، پوءِ قيمت وڌڻ گهرجي پر نہ، جئين جئين تيل جي قيمت ۾ اضافو پيو ٿئي، تيئن تيئن منهنجي ۽ تنهنجي قيمت ڪرندي ٿي وڃي، قيمت سان گڏ اسين بہ ڪرندا ٿا وڃون هيٺاهينءَ ڏانهن. هئڻ ۽ نہ هئڻ جي وچوٽي سسي نديڙي ٿي رهي آهي، ۽ ان سان گڏ عباس سارنگ جون ڪهاڻيون بہ نيڏڙيون ٿي رهيون آهن، پر سندس تخيل ۽ خواب اتاهينءَ تي بيٺات آهن، ۽ سندس آڱريون ڏگهيون ٿي رهيون آهن، منهنجي گهر جي اڱڻ تي بيٺل ٽالهيءَ جي لامن جيان. ٽالهيءَ جون لامون بہ رڳو اڀ ڏانهن سفر ناهن ڪنديون، اهي ته زمين ڏانهن بہ ايندڙيون آهن. عباس سارنگ جي آڱرين جيان، سو عباس سارنگ جون آڱريون، اسان جي روز بروز هيٺاهينءَ ڏانهن ڪرڻ جي وارتا کي قلمبند ڪن ٿيون ۽ بس! ان ڪانسواءِ عباس سارنگ جي ڪهاڻين ۾ ٻيو

ڪجھ بہ نہ آهي، ڇا جو ڪلائمڪس! ڇا جي پڇاڙي! هو تہ فقط اسان کي ياد رکڻ چاهي ٿو تنهنڪري سندس ڪهاڻي "ختم ٿيو" جي بجاءِ "جاري آهي" تي پهچي وري نئين عنوان سان ظاهر ٿئي ٿي. هاڻ تون ئي چئو تہ عباس سارنگ کي اهڙين ڪهاڻين تي ايوارڊ ملڻ گهرجي! نہ بنه نہ. پيلا ڪٽ خلقت جي ڪهاڻي بہ ڪا ڪهاڻي آهي! نہ يقينن ڪهاڻي ناهي، احتجاج آهي، فرياد آهي، رڙ آهي، سڏڪو آهي، سڏ آهي، ۽ سڏ جو پڙاڏو آهي. مونکي ياد نٿو اچي تہ مون کي پشتو جي هن لوڪ گيت جي معنيٰ ڪنهن ٻڌائي هئي، پر ٻول اڃان بہ منهنجي ذهن ۾ پڙاڏو بڻجي گونجي رهيا آهن:
"جڏهن ڪوئي شخص ڪنهن جي فرياد نہ ٿو ٻڌي، تڏهن دل ۾ اچي ٿو تہ ان جا ڪن ڪٽي ڇڏيان."

**جعفر جاڻي**

2010_10_28

# عباس سارنگ هڪ لاجواب ليکڪ

عباس ڪو اوچتو يا لاتڙيو ليکڪ ناهي. هي ٽيون ڪهاڻي ڪتاب اٿس. عباس جون آکاڻيون تير ۽ گوليءَ جو ڪم ڪن ٿيون. جو پڙهندي پڙهندي دل ۾ چُڀيو وڃن ٿيون ۽ بي ساختہ وڏا ساھ ۽ ٿڌا شوڪارا پرٽا پون ٿا. جي پڙهندڙ ائين نہ ڪري تہ شايد دل جو مريض ٿي پوي.

سماج جي سوين معاملن تي عباس جي اک ڏنو ۽ دل محسوس ڪيو آهي. پر جهڙي طرح عباس جي اک جو ڏسڻ ۽ دل جو محسوس ڪرڻ آهي. اهو سڀُ ڪُجھ. سڀ ڪنهن جي وس جي ڳاله ناهي.

عباسُ! احساسن. اُمنگن ۽ پُرسوز دلين جو ترجمان آهي. اسان انسانن ڪي گهرڻ پاسي مثال ڏيندڙ اُتساهيندڙ حقيقتن جي بِرَن ۾ هٿ وجهندڙ معمولي شين تي لکي. اهميت ڏئي جسم جا وار اُڀا ڪندڙ ڪهاڻيڪار عباس ئي تہ آهي ۽ اهڙو حِساسُ. جو گل جي لتاڙجڻ تي روئي ٿو پوي. ٻي ڪنهن سوچيو بہ هوندو. الائي جي نہ!

ڪاريهر نانگ جهڙا سچ بيان ڪندڙ عباس ”پينون“. ”مورتي منهنجي. ڪنهن جو خدا؟“. ” آخري قدم“ ۽” ايف آءِ آر“ جهڙيون ڪهاڻيون لکي دل خوش ڪري ڇڏي آهي.

وري عباس. ”ٽوڙي بند ٽتي پيو“. ”هڪ ٽوٽ برش جي اڪيلائي“. ”چاٻيون“. ”مان صوفي آهيان؟“. جهڙيون ڪهاڻيون لکي اسان جي جذبن تي پيٽرول هاري ٿو ۽ اهو بہ نٿو سوچي تہ اسان جو ڇا ٿيندو!

ڪهاڻي ”درياھ بادشاھ“ ٻڌائي ٿي تہ مستقبل لاءِ سوچيو. جنهن ۾ اسان جي بقا آهي. ڳاله جو مقصد ظاهر ڪرڻ ۾ جيڪو ڍنگ ۽ ڏانءُ اٿس سو بہ واھ واھ ڪرائي ٿو ڇڏي.

عباس اهو بہ سيکاري ٿو تہ انسان ڪهڙي بہ حالت ۾ هجي پر ان لاءِ اهو ضروري آهي تہ وَٽس زبردست قدم. گامَ گامَ تي غيرت. حياءَ ۽ شرم سان سَرشار هجي ۽ پڻ انهن شين جي اهميت هجيس. اهڙو سبق ”ڪپيل نڪ“ ۽ ”ڪاروبرقعو“. مان ونڻ گهرجي. اهو ڪوبہ وڏاءُ ناهي تہ عباس سارنگ هڪ لاجواب ليکڪ آهي.

عبدالحق آزاد مهر

وڪيل
جيڪب آباد.

# عباس سارنگ- معاشري کي آئينو ڏيکاريندڙ.

وقت سان گڏوگڏ سماج ۾ زندگي جا انداز ريتون رسمون رهڻيون ڪرڻيون ۾ روايتون تبديل ٿينديون رهن ٿيون. سماج جا تمام شعبا هڪ ٻئي سان لاڳاپيل ٿين ٿا. انهن تبديلين جو اثر زندگي جي هر شعبي تي ظاهر ٿئي ٿو. اهڙي طرح ادب جي ميدان ۾ به اهڙا لاڙا ۽ تبديليون اچن ٿيون. ڪو زمانو ديومالائي ادب جو هيو جنهن جي بنياد تصوراتي هئي جنهن جو مقصد فقط ذهني تفريح هيو. بعد ۾ ناول نگاري ۽ طويل ڪهاڻين جو دور شروع ٿيو. جيڪي معاشري جي خارجي عڪاسي ڪن ٿيون. جيتوڻيڪ ناول نگاري ۽ طويل ڪهاڻين جو دور اڃا هلندڙ آهي پر پوءِ به ان جي پڙهندڙن ۾ گهٽتائي ضرور آئي آهي ۽ ادبي دنيا ۾ شارٽ اسٽوري جي مطالعي جو رجحان وڌندو پيو وڃي. انهي ڏس ۾ عباس سارنگ جون لکڻيون سنگ ميل جي حيثيت رکن ٿيون. مقدس مٽي ۽ پڪي اڏاٽا پيار جا ڪان پوءِ هي عباس سارنگ جو ٽيون ڪتاب آهي. جديد دور جي تقاضائن مطابق هن صاحب جي لکڻ جو انداز مختلف آهي. ٻولي عام ماڻهن جي سمجهه جهڙي جيڪا ڳالهائي پئي وڃي. بي سبب هندي ۽ سنسڪرت جي لفظن جو استعمال ڪونه ٿو ڪري. هو جرئت سان جيڪي ڪجهه سماج ۾ ٿئي ٿو. ان کي سڌي طرح بيان ڪري ٿو. انهي لکڻ جي انداز کي ڏسندي ڪڏهن ڪڏهن هو تنقيد جو نشانو به بڻيو. پر ان جي باوجود هو سچائين ۽ حقيقتن کي اجاگر ڪرڻ ۾ پير پوئتي نٿو ڪري. هن جي ڪهاڻين جا ڪردار فرضي نه آهن. هو صاحب جيڪي ڪجهه ڏسي ٿو بغير ڪنهن پس و پيش جي لکي ٿو. هن جون لکڻيون معاشري لاءِ هڪ آئينو آهن. جنهن ۾ معاشري جي اصلي صورت نظر اچي ٿي. هي نوجوان ليکڪ ادبي دنيا ۾ پنهنجي جاءِ والاري ٿو. تي سگهي ٿو ته اهڙي سچي ليکڪ کي ٻين جيان سچ جي ڏوهه ۾ ڏک ڏسڻا پون. جڏهن ڪيس ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پيا ته خبر پوندي ته ڪيئن ٿو منهن ڏي ۽ پار پوي. دعا آهي ته خدا ڪيس لکڻ جي سگهه اڃا وڌائي ۽ قلم جي طاقت سان ڪنهن وڏي انقلاب لاءِ راهه سنواري. اسان جو معاشرو هڪ وڏي انقلاب طرف تيزي سان وڌي رهيو آهي. اسان جي اديبن شاعرن کي انهي انقلاب جي راهه تي ويندڙ قافلي کي اڳتي وٺي وڃڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو آهي. مان سمجهان ٿو ته اسان جو نوجوان نسل ادبي ميدان ۾ پنهنجو ڪردار پوري طرح سان نڀائي پيو.

سردار خان لاشاري

ايڊووڪيٽ

# من جي ڊيسڪ تان

ڪهاڻيءَ جو فن پلي ڪهڙو بہ هجي، پر ڪهاڻي فن جي محتاج نٿي هجي. ڪهاڻيءَ کي فن ۾ قيد ڪبو تہ اها انهيءَ قيد ۾ ڪڏهن بہ نہ رهي سگهندي پر پنهنجي ترقيءَ جي رفتار ۾ سست ضرور ٿي ويندي، ڪهاڻيءَ جو جن بہ فن ٺاهيو آهي، ڇا ڪهاڻي صرف انهن جي ٺهرايل فن جي دائري ۾ ئي لکي سگهجي ٿي؟ تڏهن ئي وڃي اها ڪهاڻي سڏبي!!! ۽ ڇا جيڪا ڪهاڻي فن جي قيد واري دائري ۾ نہ لکبي تہ اها ڪهاڻي نہ رهندي؟ پر ڪهاڻي پوءِ بہ لکبي رهي آهي، ڪهاڻي لکجندي رهي ٿي ۽ ڪهاڻي لکبي رهبي......

مون کي پنهنجي ڪهاڻي جي باري ۾ ڪا بہ خوشفهمي نہ آهي. منهنجي ڪهاڻي فن جي قيد کان آزاد ڪهاڻي آهي جيڪا حقيقت جو ڳولائو آهي. اهو ڇيد ڪرڻ مون کي ايندو بہ نہ آهي تہ ڪهاڻي هئين لکجي، هونئين لکجي، بس مان لکندو آهيان ۽ لکان ٿو. سماج مان چونڊ ڪيل منهنجا ڪردار، پنهنجن ڪردارن سان حقيقي رشتو نڀائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪري رهيا آهن، جي ڪٿي ڪا خامي رهجي ٿي تہ اها انهن جي نہ، پر منهنجي ئي سمجهجي، جو جئين ڪين مون ڏٺو ۽ ڪين ڪوري ڪاغذ تي متحرڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم، انهن ڪردارن تي ڪاوڙ نہ ڪجو ڇو تہ اهي اڳ ۾ ئي ڏاڍا ستائيل آهن هن سماج جا! پورهيو وڌيو تہ بہ قرب نہ وڌيو بہ تہ وہ واهہ.....!!!

منهنجو هي ٽيون ڪهاڻي ڪتاب 'ڪپيل نڪ' آهي، جنهن جي ڇپجڻ جي ڪا بہ اميد نہ هئي. ان جو سمورو ڪريڊيٽ منهنجي ادا جاني 'سنڌي' انعام عباسيءَ ڏانهن وڃي ٿو، جنهن هن ڪتاب کي پنهنجي نامياري اداري 'نئون نياپو پبليڪيشن' پاران ڇاپڻ جو بار پنهنجن ڪلهن تي کنيو، مان سندس بيحد ٿورائتو آهيان ۽ اهو هن جو مون سان پيار ئي آهي ۽ مون تي اعتماد پڻ....

هتي آئون انهن سڀن هٿن جو بہ دل سان ٿورائتو آهيان، جن ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان هن ڪتاب لاءِ پنهنجو پورهيو ڪيو آهي. آخر ۾ هي تہ "هي اڄوڪو سچ جيئڻ ئي لهي ويندو تہ سڀاڻي ان اميد تي وري ضرور اڀرندو هن کي نئين ولولي ۽ سچائيءَ سان پنهنجي روشني پکيڙڻي آهي ۽ وري نئين صبح ۾ پاڻ گڏ هونداسين."

عباس سارنگ
جيڪب آباد

0334_2673303
0313_4673303

# ڪپيل نڪ

مان تڪڙو تڪڙو آفيس ڏانهن ايندي جڏهن ئي راڄ واهه جي پل تان گذريس تہ اوچتو منهنجي نظر راڄ واهہ ۾ بيٺل ۽ سينواريل پاٽي تي ترندڙهڪ ڪپيل انساني نڪ تي پئي......هڪ تہ مون کي آفيس کان دير پئي ٿي ۽ ٻيو هن ڪپيل انساني نڪ کي، ائين ترندو ڏسي، کيس ڇڏڻ اخلاقي ڏوهہ سمجهي، راڄ واهہ جي پل تان هيٺ لهي، ڪڙ تي اچي پاسي ۾ بيٺل وڻ مان ٽاري ڇانگي، ان جي مدد سان ڪپيل انساني نڪ کي پاڻ ڏانهن سوري، هٿ سان ڪڍي ڪري رومال ۾ ويڙهي ڪوٽ جي کيسي ۾ وجهي ڇڏيم. پوءِ تڪڙو تڪڙو آفيس ڏانهن روانو ٿي ويس، مسٽر رول تي نديڙي صحيح ڪري پنهنجي ميز تي اچي ويٺس، خبر پئي تہ اڄ وڏو صاحب موڪل تي آهي. تنهن ڪري اڄ عام رواجي ڪم نہ ٿيندو تہ پوءِ مون سک جو ساهہ کنيو ۽ ڪوٽ جي کيسي ۾ پيل رومال ڪڍي ميز تي رکي، پاسي وارن ٻنهي ڪلارڪن کي سڏ ڪيم. هو جڏهن ئي منهنجي ميز تي آيا تہ ميز تي رکيل رومال کي کولي کين چيم:

”هي ڏسو......! هي ڪپيل انساني نڪ ڪنهن جو آهي؟ “

ٻئي ڪلارڪ ڪپيل انساني نڪ کي ڏسي حيران ٿيندي مونکي ۽ ڪپيل انساني نڪ کي حيراني مان گهورڻ لڳا.

پهرين چيو: ”هي ڪپيل انساني نڪ ڪنهن جو آهي......؟ “

ٻئي چيو: ”شائد عورت جو يا پوءِ ڪنهن مرد جو آهي.......!!؟؟“

مون چيو: ”مون بہ اهو ئي پڇيو آهي تہ هي نڪ ڪنهن جو آهي.....؟ اهو مون کي راڄ واهہ مان مليو آهي...... جڏهن مان آفيس پئي آيس.......“

وري پهرين چيو: ”خوبصورت آهي......!“

ٻئي چيو: ”ڪنهن عورت جو هوندو........!“

مون چيو: ”ڪنهن خوبصورت مرد جو بہ ٿي سگهي ٿو......“

پهرين چيو: ”تون هي هتي ڇو کڻي آيو آهين؟ ڪنهن پنهنجو نڪ ڪپي راڄ واهہ ۾ ڦٽو ڪيو، تون وري هي هتي کڻي هليو آئين.......!“

ٻئي چيو: ”ڇو...... ڪهڙو غلط ڪم ڪيو اٿائين، حقيقت کي سامهون اچڻ گهرجي تہ آخر هي ڪپيل انساني نڪ ڪنهن جو آهي ۽ ڇو ڪنهن هي ڪپي راڄ واهہ ۾ ڦٽو ڪيو آهي؟“

هنن ٻنهي جي بحث کان پوءِ وري مون چيو: ”بس اها ئي حقيقت ڄاڻڻ لاءِ مون هي ڪپيل انساني نڪ راڄ واهہ مان ڪڍي ورتو. پلا اهو تہ ٻڌايو اسان جي شهر ۾ ڪو اهڙو ڄاتو ماڻهو آهي جيڪو ٻڌائي تہ هي راڄ واهہ مان مليل ۽ ڪپيل انساني نڪ ڪنهن جو آهي؟“

ٻئي چيو: ”الائي يار......! هل تہ پنهنجي هيڊ ڪلارڪ کي ٿا ڏيکاريون.“

پهرين چيو: ”ان کي ڪهڙي خبر تہ هي ڪپيل انساني نڪ ڪنهن جو آهي، هو پنهنجي ڏکي نڪ کي سمجهي ناهي سگهيو تہ هن کي ڪٿان سمجهندو؟“

مون چيو: ”منهنجو خيال آهي تہ هي ڪنهن غيرتمند انسان جو نڪ آهي، جنهن غيرت ۾ اچي پنهنجو نڪ ڪپي راڄ واهہ ۾ ڦٽو ڪيو آهي.“

ٻئي چيو: ”پر جرڳو ڪري بہ تہ ڪنهن جو زوري نڪ ڪپي سگهجي ٿو. ڏسو نہ پيا اڄڪلهہ جرڳي سسٽم جي پيگهي متي پئي آهي، جرڳي تي وڃڻ کان پوءِ ڪنهن جي ڪهڙي مجال آهي جو پنهنجو نڪ ڪپڻ نہ ڏي......!“

پهرين چيو: ”هيئن بہ ٿي سگهي ٿو تہ ڪنهن مرد ڪنهن عورت جو نڪ ڪپيو هجي ۽ پوءِ راڄ واهہ ۾ ڦٽو ڪيو هجي. ڇو تہ مان اهڙيون خبرون اخبارن ۾ اڪثر پڙهندو رهيو آهيان، پر اڪثر انهن عورتن جا نڪ ٽانڪن ذريعي لڳل هوندا آهن. اهڙا مون اخبار ۾ فوٽو بہ ڏٺا آهن، پر هي پهريون واقعو هوندو، جنهن ۾ نڪ کي ڪپي راڄ واهہ ۾ اڇلايو ويو آهي.“

ٻئي چيو: ”هيئن بہ تہ ٿي سگهي ٿو، ڪنهن عورت ڪنهن مرد جو نڪ ڪپي راڄ واهہ ۾ اڇلايو هجي، ڇو تہ اڄڪلهہ عورتون مردن تي تيزاب هاري سگهن ٿيون تہ پوءِ نڪ ڪپڻ ڪا وڏي ڳالهہ تہ نہ آهي.“

مون چيو: ”ڪجهہ بہ هجي، ڳالهہ صفا ڳوري آهي، هن حقيقت تائين پهچڻ لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪجي!“

پهرين چيو: ”سياڻو ٿيءُ منهنجي صلاح وٺ، اڇايو پاڻ کي ڇو ٿو ڦاسائين، آفيس کان موٽڻ مهل هن کي اتي ئي راڄ واهہ ۾ ڦٽو ڪري ڇڏ ۽ پنهنجي مٿي جو سور بہ لاهہ تہ اسان جي مٿي جو سور بہ لاهہ!“

مون چيو: ”ڇو يار ان ۾ مٿي جي سور جي ڪهڙي ڳالهہ آهي، هي هڪ ڪپيل انساني نڪ جو مسئلو آهي، ڪا معمولي ڳالهہ تہ نہ آهي، هن جو ڪو بہ ملهہ نہ آهي پر هي تہ املهہ آهي.“

ٻئي چيو: ”پوءِ آخر هن ڪپيل انساني نڪ جو تون ڪندين ڇا؟“

مون چيو: ”مان حقيقت ڄاڻڻ چاهيان ٿو بس..... خير توهان ڇڏيو مان پاڻ هن مسئلي کي ڏسي وٺان ٿو.“

هي ٻئي ماڻ ٿي پنهنجي ميزن ڏانهن هليا ويا. مون نڪ کي رومال ۾ ويڙهي ميز جي دراز ۾ رکي ڇڏيو ۽ آفيس جي ڪم ڪار ۾ لڳي ويس. آفيس کان موڪل مهل پنهنجي ميز جي دراز مان رومال ڪڍي ڪوٽ جي کيسي ۾ وجهي راڄ واهہ ڏانهن وڌڻ لڳس. راڄ واهہ جي فٽپاٿ تي چڙهيس، جتي شهر جي وڏي ۾ وڏي لُنڊي بازار لڳندي آهي. هتي هر سال پناڻ غريبن لاءِ امير ماڻهن جي لٽل

گرم ڪپڙن جو سستي اگهه تي وڪرو ڪندا آهن. اج منهنجي حيرت جي انتها ٿي وئي، ڇا ٿو ڏسان ته ساڳيا پناڻ لُنڊي بازار هنيو ويٺا آهن پر گرم ڪپڙن بدران هڪ ٻي لُنڊي بازار نظر آئي. هڪ دڪان اڳيان انساني اکين جو ڍڳ لڳو پيو آهي. جنهن ۾ ننڍيون، وڏيون، جهريون، ڪاريون، ناسي، اڇيون مطلب ته هر قسم جون اکيون پيون آهن. هر هڪ اک پنج رپيا..... ڏسان ٿو...... ماڻهو پنجين رپين وارين اکين مان اکيون ڳولي ڳولي پنهنجي چهري تي لڳائي وري ڦٽي پيا ڪن ۽ وري ڪي پسند ڪري خوشي خوشي پناڻ کي پيسا ڏئي رهيا آهن. انهن اکين واري دڪان تي ڪجهه خاص اکيون جيڪي مٿي ڪپڙن ۾ ٽنگيل آهن. جن جي ڏار ڏار قيمت اک جي قيمتي ۽ خوبصورت هجڻ جي حساب سان پناڻ گراهڪن کي ٻڌائي رهيو آهي. مون به ڪجهه اکيون ڪٽي ڏٺيون، هڪ ڪان هڪ خوبصورت اک آهي، مان حيران آهيان ته هتي اکين جي لُنڊي بازار ڪٿين.......!

اڳيئن دڪان تي وڏي ويم ته صرف انساني دليون ٽنگيل نظر آيون ۽ تمام سستيون ۽ ڪجهه مهانگيون به پر ايتريون به مهانگيون نه....... هر غريب ماڻهو پيو وٺي. وري هڪ ٻئي دڪان تي صرف ڪن ٽنگل ڏسان ٿو. وري اڳتي مڙدن ۽ عورتن جا خوبصورت ۽ هر قسم جا وار، هر پاسي وار ئي وار. هر ڪوئي مرد ۽ عورت پنهنجي مٿي تي پائي ڏسي رهيو آهي. هن دڪان تي جدا جدا قسم جي وارن جا جدا جدا اگهه آهن.

ائين ئي راج واهه جي فٽپاٿ سان لُنڊي وارا دڪان ڏسندو راج واهه جي پل تي پڄان ٿو ڇا ٿو ڏسان ته اتي انساني نڪن جو دڪان لڳل آهي. هن دڪان تي ٻين دڪانن جي ڀيٽ ۾ وڏيڪ رش آهي. انساني نڪ به الاهي قسمن جا پيا آهن. هر ماڻهو جي ڪوشش آهي ته خوبصورت ڪان خوبصورت نڪ پسند ڪيان، جيڪو هر پاسي ڪان شان وٽان هجي. هر ڪوئي خوش نظر ٿي آيو جو هر ڪنهن کي آساني سان پنهنجي پسند جو نڪ سستي اگهه تي ملي رهيو آهي....... مون غور ڪيو ته جيڪو به ماڻهو نڪ وٺڻ ٿي آيو انهن مان ڪنهن کي به پنهنجو نڪ نه هو. مون اندازو هنيو ته هن دڪان تي ايڏي رش لڳي پئي آهي ۽ راج واهه جي پل جي ويجهو به آهي ۽ ساڳيو منهنجي ڪوٽ جي کيسي ۾ ڪپيل انساني نڪ به مون کي اتان ئي راج واهه مان مليو هو سو رش هجڻ ڪري راج واهه ۾ ڪري پيو هجي ۽ ڪنهن جو ڌيان به نه ويو هجي. مون رومال ۾ ويڙهيل انساني نڪ کي ڪوٽ جي کيسي ۾ هٿ لائي ڏٺو جيڪو پيل هو ۽ ٻيو هٿ پنهنجي نڪ کي هٽي ڏٺم. جيڪو گم هو ۽ پوءِ تڪڙو تڪڙو انهي نڪن واري دڪان جي رش مان نڪري ڪوٽ جي کيسي ۾ ويڙهيل نڪ ڪڍي پنهنجي چهري تي لڳائي ڇڏيم. منهنجو سمورو جسم شرم وچان پگهرجي ويو هو ۽ پوءِ منهنجي اک کلي وئي ۽ يڪدم پنهنجي نڪ کي هٿ لائي ڏٺم. جتي منهنجو پنهنجو نڪ موجود هو ۽ پوءِ جاتم ته اهو سمورو خواب ئي هو.

✻✻✻

# ديوار تان ڪريل رنگ

خوبصورت ناري نچي رهي آهي.....
پاسي ۾ جنگجو گھوڙن تي چڙهي، تلوارون هٿن ۾ کڻي، ٽاپ ٽاپ ڪندا وڃي رهيا آهن.....
ملڪن جا نقشا ئي نقشا آهن.....
ماڻهو ماڻهو سان وڙهي رهيو آهي.....
ڏنار پنهنجو ڌڻ ڪاهيون پيو وڃي.....
گل ڦل مرڪي، پنهنجا ڪنڌ آس مان ڪنيو بيٺا آهن.....
۽ ڇڻ ته ڪا خوبصورت رلي لڙڪي رهي آهي.....
هيٺ هڪ زبرو گھوڙو پنهنجون ٻئي ڄنگھون مٿي ڪري هڻڪي رهيو آهي
۽ پنهنجي طاقتور هجڻ جو مظاهرو ڪري رهيو آهي،
سندس پير ۾ جانور جهڙوڪ گدڙ، گڏه، هاٿي، رڍ، ٻڪري، هرڻ ۽ ٻيا هيسيل هيسيل گھمن پيا.....
شينهن موڳو آهي.....
خوبصورت ناري نچي رهي آهي.....
۽ مٿان جديد جنگي جهاز پنهنجي دهشت سان ميزائيل لوڊ ڪيون اڏامي رهيا آهن.....
”ديوار ڪي ڇا پيا ڏسو چانهه تيار آهي.....“
منهنجي گھر واري چانهه آڻيندي چيو.
ان ڪان اڳ اهو سڀ ڪجهه پنهنجي ڪمري جي ديوار تان
ڪريل رنگ ڪان پوءِ جڙيل ماحول ڪي ڏسي رهيو هوم.....
چانهه جي سڀ سڀ ڪري پيئڻ لڳم
۽ ديوار ڪي به حيرت مان ڏسندو رهيم.....

❋❋❋

# هڪ آرٽسٽ ۽ ٻہ تصويرون

چوڪ تي هڪ آرٽسٽ ويٺو ڪجه روپين ۾ ماڻهو کي سامهون ويهاري ان جي تصوير ٺاهي ڏئي رهيو هو ماڻهو خوشي خوشي ۾ پنهجو پورٽريٽ ٺهرائي ۽ ان جو ڪجه معاوضو آرٽسٽ کي ڏيئي مسڪرائيندا هليا ٿي ويا. ان سان آرٽسٽ کي پيٽ پالڻ لاءِ ڪجه نہ ڪجه ملي ٿي ويو ۽ ماڻهو خوشي خوشي پنهنجو پورٽريٽ پسي اندر ئي اندر ۾ سرها ٿيندا ٿي ويا.

مان بہ انهيءَ آرٽسٽ ڏانهن وڌي ويس،

”جي ويهو.“

مان سندس اڳيان رکيل اسٽول تي ويهي رهيس

”ٻہ سو روپيا ٿيندا اوهان جي پورٽريٽ جا....“

آرٽسٽ پنهنجو اجورو ٻڌائيندي چيو.

”ٺيڪ آ....ٺيڪ آ....پر مون کي پنهنجو پورٽريٽ ناهي ٺهرائڻو......“

”پوءِ؟“

هن سوال ڪيو ۽ سوال ڪرڻ سان گڏ پنهنجا ڪلها بہ مٿي ڪيا اچان چوڻ لڳو.

”باقي ڇا ٺهرائيندا؟“

مون چيو.

”دراصل مون کي ٻہ تصويرون ٺهرائڻيون آهن. هڪ اهڙي تصوير جنهن ۾ وقت ڳرڻ جو منظر هجي ۽ ٻئي تصوير ۾ بارش ٿيل هجي، آسمان تي اندلٺ هجي ۽ ڇيڪي مٽي جي هٻڪار محسوس ٿئي.“

”سوري سائين! توهان جون ٻڌايل اهي ٻئي تصويرون نہ ٺاهي سگهندم....!“

”ڇو......؟ توهان کي توهان جي چوڻ موجب معاوضو ڏيندم.....!!“

”پوءِ بہ نہ ٺاهيندم....!“

آرٽسٽ باقاعدي انڪار ڪندي چيو.

”مهرباني ڪري اسٽول خالي ڪيو منهنجو ڪسٽومر اچي ويو آهي...“

ايترو چئي هن مون کي ڪاوڙ واري انداز ۾ ڏٺو هن جو ڪسٽومر اسٽول تي ويٺو ۽ ان جو پورٽريٽ ٺاهڻ کي لڳي ويو ۽ اهو ڏسندو رهيس، آرٽسٽ پورٽريٽ ٺاهڻ جو واهہ جو ڪاريگر ٿي لڳو.

ٿوري دير ۾ پورٽريٽ ٺاهي ورتائين ۽ ڪسٽومر کي فارغ ڪري مون ڪي چوڻ لڳو.

”جي محترم! مان توهان جي وڏيڪ ڪهڙي خدمت ڪري سگهان ٿو..؟“

مون ڪيس چيو.

”هئين ٿا ڪيون جو انهن پنهي تصويرن جو آئيڊيا مان ٿو توهان کي ڏيان......“

اهو چوندي وري اسٽول تي چڙهي ويٺم.

”وقت ڳرڻ واري تصوير ڪجهه هن طرح ٿي سگهي ٿي تہ هڪ وال ڪلاڪ ڏيکاريو ۽ اهو ڪنهن بہ پٽ، ڪنهن بہ دروازي، ڪنهن بہ دري يا وري ميز تي ڪپڙي وانگر لڙڪيل يا ترڪيل ڏيکاريو....“

مان ڪيس هٿ جو اشارو بہ ڪري ڏيکاريو.

”ان سان اهو ثابت ٿيندو تہ وقت ڳري رهيو آهي ۽ ٻئي تصوير ۾ بارش کان پوءِ آسمان تي انڊلٺ سان گڏ چيڪي مٽي جي هبڪار هئين ڏيکاريو جو.....پلا ان تصوير جي آئيڊيا ڪئين هجي توهان جو ڇا خيال آهي؟“

آرٽسٽ صفا ڪاوڙ ۾ ايندي چيو.

”توهان مون کي ذهني طرح هڪ پاڳل لڳو ٿا، مون وٽ فضول تصويرن ٺاهڻ لاءِ وقت ڪونهي.....توهان وڃي سگهو ٿا.....“

مون ضد ڪيو چيو.

”ڏسو آرٽسٽ صاحب! مان توهان کي توهان جي ڊمانڊ موجب، تصويرن جي قيمت ڏيان پيو.“

”پوءِ بہ نہ ٺاهيندم......“

آرٽسٽ بلڪل ڪاوڙ ۾ پرپور پرجي آيو هو مون چيو.

”جئين تہ توهان ماڻهن کي سامهون ويهاري پورٽريٽ ٺاهي وڃو ٿا، پوءِ اهي منهنجون تصويرون ڇونہ ٺاهيندئو... ڪو خاص سبب.....؟؟“

آرٽسٽ پنهنجا ٻئي هٿ پنهنجي مٿي تي رکندي چيو.

”پليز! مون کي معاف ڪيو.....مان ايڏو وڏو آرٽسٽ نہ آهيان، مان صرف ماڻهن جا پورٽريٽ ئي ٺاهي پنهنجو گذران ڪندو آهيان.“

”پلا پوءِ هتي مون کي ٻيو ڪير اهي تصويرون ٺاهي ڏئي سگهي ٿو....؟“

”پليز! اڳتي وڃي ڪنهن کي ڏسو....مان ڪونہ ٺاهي سگهندس توهان جون تصويرون.....!!“

اجان هن وٽ ٻيو ڪو بہ ڪسٽومر نہ آيو هو وري هن جي سامهون رکيل اسٽول تي ويهندي ڇيم.

”ٻئي تصوير مان بارش کان پوءِ انڊلٺ جي منظر کي ڪٿي ٿا ڇڏيون باقي چيڪي مٽيءَ جي

هيڪار وارو منظر ناهي ڏيو ۽ باقي پهرين تصوير جو آئيڊيا ساڳيو ئي رکو....“

آرٽسٽ منهنجي ايتري چوڻ تي مون تان پنهنجون نظرون هٽائي، پنهنجي منهن ڪي بيزارگي مان هيڏانهن هوڏانهن ڪرڻ لڳو ۽ اسٽول تان اٿي ڪيس پنيرو نهاريندو اڳتي وڌي ويو ۽ ڏنم ته منهنجي وڃڻ تي هن سڪ جو ساهه کنيو ۽ ٻئي ڪسٽومر جو انتظار ڪرڻ لڳو....حيران هيس ته هي هڪ آرٽسٽ ٿي ڪري هڪ ٻئي آرٽسٽ جو نقل ته ڪري رهيو هو پنهنجي تخليق ناهڻ کان ڪيٻائي رهيو هو....منهنجي زبان تي اچي ويو.

”هون..... عطائي آرٽسٽ جو ٿيو...لڪير جو فقير........!!!“

❋❋❋

## پيتون

”مرشد سائين! ڪاروبار ۾ برڪت لاءِ دعا گھرو ۽ ڪو تعويذ به لکي ڏيو.......“

”ها بابا! ڇو نه گھرون ٿا دعا، ٻاڏايون ٿا الله سائين کي ۽ تعويذ به ڪوڙ......“

”مهرباني مرشد سائين!“

”ڇا جي مهرباني بابلا! باقي اسان مرشدن جو ڪم ڪهڙو آهي.... ڪٺو هٿ ته گھرون دعا....“

مرشد سائين هٿ ڪٽي دعا گھرڻ شروع ڪئي ۽ دير تائين دعا گھرندو رهيو ۽ پوءِ تعويذ به لکي دڪاندار کي ڏيندي چيائين.

”بابا! الله سائين سٺائي ڪندو.......مرشد کي به ڪجھ ڏي.......“

مرشد سائين اهو چئي بس ڪئي ته مٽس فقير دڪان اندر گھڙي صدا هنئي.

”بابا! الله سائين سٺائي ڪندو.......فقير کي ڪجھ ڏي.......“

مرشد سائين جو اهو ڏٺو ڪيس ڪاوڙ وٺي ويئي ۽ فقير کي چيائين.

”هل ڙي فقير آيو آهي..... گم ٿي ته ڪيانءِ نه بيعزتو.....پينون، پينون جا پٽ........“

❊❊❊

## الڪو

انسان چنڊ تي پير رکيو اهو ڪوڙ هو. هٿيار انسان کي مارڻ لاءِ ڪم اچي ٿو اهو سچ آهي، مونکي اهو الڪو آهي ته انسان ذهن جي چنڊ تي ڪڏهن ويندو ۽ هٿيار کي خواب ۾ به استعمال نه ڪندو.

❊❊❊

## انڌو انصاف

”عام اعلان! جيئن تہ هن ملڪ ۾ بادشاھ سلامت پاران راڳ رنگ تي پا بندي لڳائي ويئي آهي تنهنڪري ڪوبہ ڳائي ۽ نہ وڄائي، عمل نہ ڪرڻ جي صورت ۾ ان جو انجام سنو نہ ٿيندو اعلان پورو ٿيو!“

بادشاھ سلامت طرفان عوام ۾ اهو عام اعلان ڪرايو پئي ويو جڏهن تہ ان جي برعڪس بادشاھ سلامت جي دربار ۾ راڳ رنگ تي ڪابہ پابندي نہ هئي پر هر قسم جو دور هلي رهيو هو. ڪنهن جو اهو ڏنو تہ چئي وينو.

”اها ناانصافي چو....؟“

ٻئي ڏينهن تي دربار لڳي بادشاھ سلامت ’انصاف‘ ڪندي ان جي زبان ۽ ٻئي اکيون ڪيرائي ڇڏيون.

❊❊❊

## سڱ

”خير تہ آهي ايترو وات پٽي ڇا پئي ڏسين مونڏي.....!“

مڙس پنهنجي زال کي ڪاوڙ ۾ ڇيو تنهن تي زال ڪيس ڇيو.

”ڇو...؟ ڪهڙو تنهنجي مٿي تي سڱ نڪتا آهن جو اهي ڏسندم...“

ٻنهي زال مڙس جي سرد جنگ جاري هئي پر سندن معصوم ننڍڙو پٽڙو ماءُ جي چوڻ تي پنهنجي پيءُ کي معصوميت سان ڏسڻ لڳو ۽ پنهنجي پيءُ جي مٿي تي سڱ ڳولهڻ لڳو!

❊❊❊

## سرد رات جي ماٺ

ڪاله رات مهنجي گهٽيءَ ۾ ڪتيءَ جو گلر سخت سيءُ نہ سهندي مري ويو. گلر ڪي مئل ڏسي ڏاڍو ڏک ٿيو. دل چاهيو تہ ان گلر جي موت تي ڪجھ لکان، پر جيستائين ڪجھ لکان ئي لکان تہ ساڳئي ڪتي جي دکدائڪ ۽ ڪرب واري اناڙ ٻڌم جيڪا سرد رات جي ماٺ ڪي چيريندي منهنجي ڪنن تائين پهتي ۽ ڊائري تي ڪجھ بہ نہ لکي سگهيم ۽ قلم منهنجو ساٿ نہ ڏنو.....!

***

## عالمي ٻڌي

دنيا جا چونڊ بگهڙ عالمي ٻڌي جي اداري ۾ گڏ ٿيا آهن. جيڪي پنهنجي پنهنجي تقرير ۾ روئي ۽ پٽي رهيا آهن دنيا جي تڪليفن تي، پر هال ۾ ويهي ڏند پٽي رهيا آهن. اوچتو وڏو بگهڙ سيني جي ڳاله ڪي ”ويٽو“ ڪري بجو ڏيکاري پنهنجا ڏندي شيڪي هليو وڃي ٿو.

***

## رن چور

”اڙي هي ڪنهن جي رن ڪاهي آيو آهين؟“

”بابا فضيلت سان ڳالهاءِ هاڻي هي منهنجي عزت آهي.“

”اڙي لک جي لعنت ٿي پرائي بيعزتي ڪري پنهنجي عزت چوڙ وارا اتي توکي شرم نہ آيو......!“

”بابا! تون بہ تہ امان ڪي ڀڄائي شادي ڪئي هئي نہ.....!“

پيءُ وڏيڪ ڪجھ ڪڇي نہ سگهيو جهڙي پت.....

***

## مڱل ماڻهو

\انسان جي لاش مٿان اڏامي اچي وڻ تي ويٺل هڪ ڪانو ٻي ڪانو کان پڇيو.

”هن کي ڪنهن ماريو...؟“

ٻي چيو

پنهنجن ئي ماريو هوندس! ٻيو ڪير ماريندو هن کي, شڪر آهي جو هنن ظالمن جي پاڻ ۾ ٻڌي ناهي نہ تہ اهي لاش اسان جا هجن ها ۽ پوءِ اسان جا لاش ائين ئي دربدر ڏسين ها!“

❋❋❋

## شفق جهڙا چپ

”چو يلا! اڄ, تنهنجي چپن کي ڇا ٿيو آهي, جو اڳ جيان گلابي نہ لڳي رهيا آهن. مون کي تہ هر پيري تنهنجا چپ شفق جهڙا پاسندا رهيا آهن. سواءِ ڇا ٿي ويو آهي تنهنجن هنن گلابي چپن کي.......! ۽ ها جڏهن تو شادي ڪئي هئي تہ انهن ۾ تہ اڃا بہ وڌيڪ حسن اچي ويو هو......اڄ ڇا ٿيو آهي.......؟ ها ياد آيو تہ تون ظالم ائين بہ چوندو هئين تہ:

”منهنجي ڪنوار چوي ٿي تہ......انهن تنهنجن گلابي چپن, جي ڪنهن ٻئي جي چپن کي ڇهيو تہ پوءِ تنهنجا اهي گلابي چپ, ائين سدا گلابي نہ رهندا......!!“

” ۽ هي تنهنجي اکين ۾ آيل ڳوڙها ٻڌائين ٿا تہ, تو ظالم اهو ظلم ڪيو آهي.......اهو تو ڇا ڪري ڇڏيو........!!؟؟“

❋❋❋

## ڳوڙهو رت مان نهي ٿو

هن منهنجي ڳل تي مٺي ڏني، مان سمجهي نہ سگهيم ڇو تہ ڪنهن نوجوان ڇوڪري مونکي زندگي ۾ پهريون ڀيرو مٺي ڏني هئي.......مان حيران ٿي هوس تہ هن منهنجي ٻئي ڳل تي بہ مٺي ڏني مون کي پڪو ويساهہ ٿيو تہ هن جي مون سان محبت ٿي وئي آهي.......مون بہ مرڪي ڏنو........منهنجي من جي آڱر تي جڙ قسمين قسمين گل ٽڙي پيا هجن ۽ منهنجي اکين ۾ چمڪ اچي وئي.......پوءِ انهي ساڳئي خوبصورت ڇوڪري جنهن کي مان اڳ ۾ ئي ڏسي رهيو هوس هن جي ڇهري تي حيرت جا پاڇا ڏٺم هن چيو:

”سوري .......مان ڀلي ڪري توهان کي مٺي ڏيئي وينس......مان توهان کي پنهنجو عمير سمجهو هو..... آءِ ايم ويري ساري......!“

مان الائي بہ ڇو اهڙي اڻ ٿيڻي خواهش ڪري وينس پاڻيم جبل تان هيٺ تيزي سان رڙهندو پيو اچان.....۽ چيم......

” خير آهي پل ٿي سگهي ٿي.........!“

پوءِ هوءَ اڳتي وڌي وئي .....پر منهنجي اکين ۾ ڳوڙها هئا.

***

## ڇهون گل

منهنجي گهر جي باغيچي ۾ منهنجي مالي هڪ گلاب جي گل جو ٻوٽو پوکيو ۽ ان کي پاڻي ڏنو. ٻئي ڏينهن ان تي هڪ گلاب جو گل ٽڙي پيو. ڏاڍو ڀلو لڳو. ٽئين ڏينهن ان تي ٽن گلن جو ٽيڙو جڙي پيو. چوٿين ڏينهن پنج گل، پنهنجي خوبصورتيءَ سان ماحول ۾، هبڪار لايو بيٺا هئا.

اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ جڏهن آءٌ باغيچي ۾ آيس تہ مون ڏٺو. پنجئي گل ڇنل هئا، هانوَ کي جهوٻو آيو.ڇئي وينس:

”ڪهڙي ظالم بي درديءَ سان کين ڇني ڇڏيو!“

منهنجي ذهن تي ڪاوڙ سوار ٿي وئي، آءٌ جئين ئي ڪاوڙ ۾ غصي ۾ گهر اندر گهڙيس تہ منهنجو پنجن سالن جو پوٽو انهن ئي پنجن گلن کي گلدان ۾ سجائي رهيو هو. اهو ڏسي مونکان ڪل نڪري وئي.....!

***

# ڪارو برقعو

اڪيلي.......ڪارو برقعو پهريل، اچي منهنجي اڳيان هٿ جهلي چيائين:
”الله جي نالي تي خيرات ڏيو!“
مون اجان معاف ڪرڻ لاءِ چيو ئي نه ته منهنجي پاسي ۾ ويٺل نوجوان دوست چيس:
”اج گهڻا ڪمايا اٿي ؟“
”اجان ته هاڻي نڪتي آهيان.......!“
”ڇو؟ منجهند ٿي ويئي آهي......!“
هوءَ ماٺ رهي......وري مون کي چيائين:
” الله جي نالي تي خيرات ڏيو!“
منهنجي نوجوان دوست چيس:
”صرف پنندي آهين يا ٻيو ڪو ڌنڌو به ڪندي آهين؟“
هوءَ وري خاموش رهي........۽ مون کي چيائين:
”الله جي نالي تي خيرات ڏيو!“
منهنجي نوجوان دوست چيس:
نخرا ڇو ٿي ڪرين؟ ۽ هن ڪان ڇا ٿي خيرات گهرين.........هي ته ويچارو هاڻي هارايل جوئاري آهي........!“
هن جي مسلسل، مون کان خيرات گهرڻ ۽ منهنجي نوجوان دوست جي اڏنگن سوالن جوابن منهنجي اندر ۾ هلچل پيدا ڪري ڇڏي ته پنهنجي ڪميني دوست کي جهليان هر عورت تنهنجو گراهڪ نه آهي.....!
ايتري ۾ منهنجي نوجوان دوست چيس:
”ته پوءِ هلون......؟“
ان تي فقيرياڻي پنهنجو سڄو هٿ مٺي ڪري منهن ۾ بجو وهائي ڪڍيائنس ۽ چوندي ويس:
”تو جهڙا ڪيترا ئي ڪتا، ائين ئي روزانو ڀونڪندا رهندا آهن.....“
۽ پوءِ منهنجي انهي نوجوان دوست جي منهن تي ڦڪي مرڪ ظاهر هئي .......جيڪا منهجي دل جي هلچل کي ماٺو ڪري رهي هئي.

***

# چاپيون

” ڊاڪٽر صاحب!“

” وڏومل وارن جو ڪاڪو ڪراڙو شمن مل ديهانت ڪري ويو آهي!“

” اها ڳالهه توسان ڪنهن ڪئي؟“

”ڊاڪٽر صاحب! مان جيئن ئي ڪلينڪ کولي، صفائي ڪري وينس ته مکي آيو ان ٻڌايو ته وڏو مل وارن جو ڪاڪو ڪراڙو شمن مل ديهانت ڪري ويو آهي.“

” ٺيڪ آهي تون ڪلينڪ بند ڪر ۽ ڪلينڪ جون چاٻيون وڏو مل وارن وٽ پهچائي اچ ۽ اهو به ٻڌائي اچ ته مان ڪنهن ضروري ڪم سبب نٿو اچي سگهان باقي ڏک ۾ ڪلينڪ بند رکي اٿم.“

”جي ڊاڪٽر صاحب! پر هڪ عرض ڪيان ته اڳ ۾ به جيڪا ڪتمل وارن جي ڪراڙي ديهانت ڪري ويئي هئي ۽ ائين ئي چاٻيون پهچائڻ ويو هوس ته انهن چيو هو ڊاڪٽر صاحب پاڻ نه آيو ڇا؟ صرف ڪلينڪ بند ڪرڻ سان ڇا ٿيندو؟“

” تون سوال ۽ جواب نه ڪندو ڪر..... جيڪو چوانءِ ٿو تون اهو ڪر..... مان انهيءَ ڪري نٿو وڃان جو منهنجو پٽ لنڊن مان آيو آهي ۽ ان ڪري مجبوري آهي.“

مونکي ڊاڪٽرصاحب جي ڪلينڪ تي ڪم ڪندي ڪافي سال گذري چڪا آهن ۽ ڊاڪٽر صاحب ڪنهن به فوتگي تي ويندو ئي نه آهي.

هڪ ڏينهن اچتو ڊاڪٽر صاحب جي نوجوان ڏيءَ ديهانت ڪري ويئي. گهر ۾ پاڻ هو ۽ سندس ديهانت ڪري ويل ڏيءَ هئي سندس پٽ لنڊن ۾ هو. مون اهڙو اطلاع مکي کي ڏنو جنهن سموري شهر ۾ پڙهو ڏنو هڪ ڪلاڪ جي اندر ڊاڪٽر صاحب جي جاءِ تي صرف ڏک ۾ ماڻهن بجاءِ چاٻيون پهتيون!

***

# مرجهايل گل يا منهنجي دل

خوش خوش، شهرجو چڪر لڳائڻ لاءِ شام سمي گهران ٻاهر نڪتم. گهر واري به خوش هئي ته گهٽ ۾ گهٽ ڏينهن کان پوءِ ئي سهي، پر منهنجي منهن تي مرڪ ته آئي..... ڇا هو ته روزانو واري زندگي ۾ اٿندي ويهندي اهڙا ته جملا ٿا ٻڌڻا پون جو گهران نڪرڻ لاءِ دل راضي ئي نه پئي ٿي گهٽ ۾ گهٽ ئي پاڻ کي سمجهائيندو به آهيان پر منهنجي دل منهنجي وس ۾ نه رهندي آهي ۽ پوءِ پاڻ کي قيد ڪري گهر ۾ ويهي رهندو آهيان.......

اڄ خوش خوش، چڪر لڳائڻ لاءِ شام جو گهران ٻاهر نڪتم.....هڪ هنڌان گذرندي ڏٺم ته هڪ ڇيڄ ويڄي رهي آهي..... ڇيڄ جي اڳيان دوله ۽ شرنائن وارا، ڇيڄ جي ڪڍ ڪار ۾ گهوٽ ويٺل ۽ وچ ۾ ڇيڄ سموري ڇيڄ جي ماڻهن کي هٿن ۾ گلاب جو گل هئا......ڏاڍو سٺو لڳو......ڇاڪي دوله شرنائن وارن جي ڪڍ ڪاهيندا هليا ويا مان به اڳتي وڌي ويس. چڪر لڳائي ساڳئي رستي سان پئي موٽيم....... ڇا ٿو ڏسان ته انهيءَ ساڳئي رستي تي جتان ڇيڄ گذري هئي انهيءَ رستي تي ڪافي گلاب جا گل هيٺ ڪريا پيا هئا انهن مان ته ڪجه بيدردي سان لتاڙيل هئا اهو منظر ڏسي دل مرجهائجي ويئي. اتان رستي مان هڪ گلاب جو گل کڻي سڌو پنهنجي گهر آيس ته گهر واري منهنجي چهري تي نظر وڌي ته هوءَ ڏڪي ويئي هوءَ اجان ڪو سوال ڪري ئي ڪري ته مون مروٽيل ۽ مرجهايل گل هن جي هٿ ۾ ڏيئي ڀوڙها ڀاڙيندو پنهنجي ڪمري ڏانهن وڌي ويس......

***

## هڪ ٽوٿ برش جي اڪيلائي

جڏهن ڪان ثمينه ۽ جواد جي شادي ٿي هئي ته شاديءَ ۾ مليل تحفن ڪي به هنن پاڻ جيان جيءَ ۾ جايون ڏنيون ته اهي شيون اسان جي شاديءَ جون اهم شيون آهن. انهن شين ۾ سندن ٽوٿ برش به شامل هئا جيڪي باٿ روم ٻاهران هڪ ڪاري ۾ هڪبئي کي ڀاڪر پايو نظر ايندا هئا. جواد صبح جو آفيس جي تياري وقت پنهنجي ٽوٿ برش کي ڪلر تي سجاڻي باٿ ۾ کڻي ويندو هو ۽ ثمينه گهر جي ڪم ڪار ڪان واندي ٿي پنهنجي برش کي ڪلر تي سجاڻي باٿ ۾ کڻي ويندي هئي.
هفتو کن ٿيندو ته ثمينه ڪنهن ڳاله تي جواد سان ڪاوڙجي پيڪن هلي ويئي آهي ته جواد کي پنهنجي گهر ۾ هر وقت اڪيلائيءَ جو احساس ٿيڻ لڳو آهي. هڪ ڏينهن صبح جو سوير آفيس جي تياري وقت جنهن مهل وهنجڻ لاءِ باٿ ڏانهن ويو ته هن پنهنجي ڪلر واري ٽوٿ برش کي کٽي ورتو جيڪو ڪاريءَ ۾ اڪيلو پيو هو سندس ساٿي گم هو ان سمي جواد جي اڪيلائيءَ ۾ وڌيڪ درد پرجي ويو جو سندس روز جي استعمال وارو ٽوٿ برش به اڪيلو ٿي ويو هو ۽ ان پل سندس اکين جا بند ڳوڙهن جي سيلاب ۾ ٻڏي ويا.

***

## سماج

”ڏاڍو گندو آهي سماج!“
سگريٽ جو وڏو ڪش هڻندي آفيسر چيو.
”سائين! صحيح ٿا چئو رات مون کي به گاريون ٿي ڏنائين. ڏاڍو سمجهايومانس به: ته يار ائين نه ڪر پر سائين اصل نه مڙيو...!“
آفيسر جي پٽيوالي ڳاله کي نه سمجهندي چيو ۽ آفيسر جي ڳاله کي وڌيڪ ٽيڪو ڏيڻ لاءِ چوڻ لڳو ته جيئن آفيسر خوش ٿئي.
”سائين! تون ڪو الڪو نه ڪر هاڻي جي مليو ته اهڙا پادر هڻندو مانس جو ست پيڙهيون ياد رکندو...!“
آفيسر ڪلي ويهي رهيو.

***

# مان صوفي آهيان؟

”مان ڪير آهيان؟ “

اهو سوال جڏهن مان پاڻ کان ٿو پڇان تہ ان سمي لطيف گهوٽ ڏي ٿو نهاريان تہ شفقت مان ٿو چوي: ”هو چونين تون م چئو!“ سچل ڏي ٿو نهاريان تہ اڪيون اڪين ۾ وجهي سرمستي ۾ ٿو چوي: ”مان جو ئي آهيان سو ئي آهيان!“ شاهہ عنايت ڏي ٿو نهاريان تہ پنهنجي زمين تي بيٺي ٿو چوي: ”جيڪو ڪيڙي سو ڪائي“ ۽ بيدل فقير ڏي ٿو نهاريان تہ پنهنجي فقيري انداز ۾ ٿو چوي: ” پنهنجو وڃائي پاڻ پوءِ صورت حاصل ڪيم حق جي“. پر مان پاڻ ڪڏهن بہ انهيءَ سوال جو جواب ڏيئي نہ سگهيو آهيان؛ چڻ تہ اجان من تي هڪ مونجهہ آهي. پلا! پاڻ ئي سوال ڪجن ۽ پاڻ ئي جواب ڏجن اها ڪا ڳالهہ نهي تي ڇا؟ صفا ڪو سادو ”ماٺهو“ آهيان! ڇا....؟ ڇا ڇيم تہ مان ”ماڻهو“ آهيان! سوال جو جواب تہ ملي ويو پوءِ مان ايترو وياڪل ڇو ۽ ڇا لاءِ هوس؟ منهنجي سوال جو صحيح جواب تہ ملي ويو! هاڻي مان مطمئين آهيان.........مطمئين..........شائد اجان نہ.........اهو منهنجي سوال جو صحيح جواب نہ آهي. پلا! آخر منهنجي سوال جو صحيح جواب ڇا آهي؟ مان جيڪو سيني سان پيار ڪرڻ جي دعويٰ ڪندو رهندو آهيان تہ پوءِ مان ڇا ٿيس؟ ان ڪي تہ ”صوفي“ ئي چئبو! تہ پوءِ مان بہ صوفي آهيان.

مان انهيءَ سوال جواب واري سوچ ويچار ۾ ئي هوس تہ منهنجي گهر جي اڱڻ تي هڪ جهرڪي چڳڻ لاءِ هيٺ لهي آئي. هوءَ ڊوءَ ڪري اڏامي وڃي سڌو پاڙي واري مسجد جي مينار تي ويهي رهي اتي خوب موج مستي ڪري وري پاڙي واري گرجا گهر جي مينار تي چڙهي ويهي رهي اتي بہ خوب موج مستي ڪري سڌو پاڙي واري مندر جي پٽ تي چڙهي ويهي رهي مون اهو جو ڏٺو تہ مون چئي ڏنو:

”صوفي تہ هي جهرڪي آهي. مان ڪٿي صوفي آهيان!“

❊❊❊

# پکي ڪڏهن به ڏک نٿا ڏين!

اڳڻ ۾ ستو پيو آهيان. ديد آسمان ۾ ڪتل آهي. پکي هيڏانهن کان هوڏانهن، هوڏانهن کان هيڏانهن اڏامي رهيا آهن. هر نسل جي پکي جي اڏامڻ جو پنهنجو انداز آهي پر مون پنهنجي گهر ۾ ڪبوتر پاليا آهن سندن گهمڻ ڦرڻ مونکي سٺو لڳندو آهي. هاڻي ذهن سڪون ۾ آهي ۽ مان چين ۽ قرار ۾ آهيان...... اوچتو دل ۾ خواهش جاڳي پئي ته ڪاش مونکي به پر هجن ها ته آزاد اڏامندو وتان ها...... ڪيڏو نه مزو اچي ها......پر مان پکي نه آهيان نه ئي مونکي پر آهن........ڇا ڪيان؟ مون ذهن تي زور ڏنو ته اها منهنجي خواهش ”انسان“ هجڻ کان فراريت ته نه آهي! انهيءَ ڪري به مون ۾ اهڙي ڪيفيت پيدا ٿي سگهي ٿي. منهنجون اکيون پرجي اچن ٿيون مونکي هر ڪوئي اڪيلو ڪندو ۽ ڇڏيندو پيو وڃي.......شايد مان پاڻ کي مٽائڻ لاءِ تيار ئي نه آهيان. دنيا جي مصنوعي رنگ ڍنگ سان هلڻ لاءِ تيار ئي نه آهيان گهر وارن جنهن عورت سان شادي ڪرائي اها مونکي پسند نه آئي انهن جي خوشيءَ ڪري ان عورت سان نڀائيندو پئي آيس. مسلسل پوڳيندو رهيس. پر جڏهن پاڻ کي اڌ برباد ۽ ختم ڪري چڪو هوس ته هڪ وڏي عرصي کان پوءِ ڪنهن اچي منهنجي دل جو دروازو ڪڙڪايو مان هن ڏانهن متوجه مس ٿيس ته هن.......جيون ساٿي ٿيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ ائين ئي وري راهن جو رولاڪ بڻجي ويس ۽ همسفر نه ملڻ جو ڏک ذهن ۾ سانڍي اڪيلو جيئڻ جو ارادو ڪري ڇڏيم. هاڻي مون گهر ۾ ڪبوتر پاليا آهن جيڪي منهنجو سڀ ڪجھ آهن. پکي ماڻهن وانگر ڪڏهن به ڪونه ٿا ڏکوئن رڳو خوشيون ئي خوشيون آڇين ٿا. ڪاش! مونکي به پر هجن ها ته پکين جون خوشيون جيڪي زمين تي ته ڏسان ٿو. آسمان تي به ڏسان ها. زمين کان اڏامڻ وقت منهنجي ديد سندن گڏ ئي اڏامندي آهي. پر جيتري تائين ديد ساٿ ڏيندي آهي. بس پوءِ بيوس ٿي ويندو آهيان.

❊❊❊

# فَرشتو

بيواهہ ٿيندي هن کي ڪافي سال ٿي ويا هئا. پوئين گذري ويل سالن ۾ مون هن جو اهو روپ ڪڏهن بہ نہ ڏٺو هو، پر اڄوڪي واقعي مون کي اصل ڇرڪائي وڌو هو. وڏي عمر جون عورتون مون کي وڻنديون ضرور آهن، پر اهي جيڪي سونهن سوڀيا برقرار رکيو اچن. وڌندڙ عمر انهن جي خوبصورت ادائن کي گهٽ ڪٿي ٿي ڪري سگهي. مان اٿندي ويهندي ڪيس ڏسندو رهندو هيس ۽ مون کي وڻندي بہ هئي پر وڌيڪ ڪابہ ڊيگهہ نہ هوندي هئي. هن جي عمر ۽ منهنجي عمر ۾ زمين آسمان جو فرق هو. جيئن تہ هي منهنجي سنگتي آفتاب جي ماءُ هئي، ڪافي ڏينهن ٿي ويا هئا جو آفتاب سان ملاقات نہ ٿي هئي. سو ملڻ لاءِ سندس جاءِ تي ويس، پر هو ڪراچي ويل هو. سندس ماءُ مون کي چانهہ پيارڻ لاءِ ويهاري ڇڏيو. جئين تہ آفتاب ٻاهر ويل هو ۽ گهر جو ٻيو ڪوبہ ڀاتي وغيره جاءِ تي موجود نظر نٿي آيو. جيتري دير چانهہ تيار ٿئي تہ مان آفتاب جي ڪتابن جو جائزو وٺڻ لڳس.

ڇڱي دير ڪان پوءِ بسڪوٽن سان گڏ چانهہ منهنجي اڳيان رکيائين ۽ منهنجي سامهون ويهي ناهڻ لڳي تہ منهنجي نظر سندس نئين پهريل وڳي تي پئي، جيڪو هن متائي ورتو هو ۽ سندس سونهن سوڀيا اڳي کان سرس ڀاسي ۽ سندس بدن جي خوشبو سموري ڪمري ۾ پکڙجي وئي هئي. منهنجي سامهون اهڙي طريقي سان ٿي ويٺي جو قميص جي ڳِچيءَ وٽان اڌ ڇاتي لياڪا پائي رهي هئي. مون ڏانهن مٺي مرڪ مرڪندي چانهہ جو ڪپ وڌايائين تہ اڃا مون ڪپ کي صحيح سنڀاريو ئي نہ هو تہ ڪپ منهنجي ڪپڙن تي ڪري پيو.

منهنجا ڪپڙا خراب ٿي پيا. هوءَ پنهنجو رئو لاهي منهنجي ڪپڙن کي اگهڻ لڳي ۽ ڪپڙا صاف ڪندي ٻاٿ روم ڏينهن وٺي هلي ۽ منهنجا ڪپڙا لهرائي ڇڏيا ۽ پوءِ هن کي الائي ڇا ٿي ويو. پنهنجا ڪپڙا بہ تڪڙ ۾ لاهي ڇڏيائين ۽ مون کي زوردار ڀاڪر ۾ ڀري چيائين ”جاني ! اڄ مون کي پنهنجو ڪر، مان سالن کان اڃايل ڏرتي آهيان. مان جڻ تہ عذاب ۾ ورتل آهيان، اڄ منهنجو عذاب ڍرو ڪر. مان ان عذاب جي ڪيفيت ڪنهن کي بہ نٿي ٻڌائي سگهان تہ مان بيواهہ ضرور آهيان پر مون کي ڪنهن شيءِ جي اڃا ضرورت آهي. پاڻ کي ڏاڍو روڪيو اٿم پر سوچيندي هيس تہ ڇا ڪيان؟ پر اڄ تون منهنجي لاءِ فرشتو ٿي آيو آهين. تون منهنجي عذاب کي ڍرو ڪر. ان جو اجر توکي ضرور ملندو.“

پوءِ مون کي بہ ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ آيو مان جيڪو هن جي نظر ۾ فرشتو ضرور هيس پر اصل ۾ انسان هيس ۽ اجر ڪمائڻ جي لالچ ۾ جنبي ويس.

***

# آخري قدم

اقتدار جي ڪرسيءَ جو بکيو سياستدان اليڪشن جي جلسي ۾ تقرير ڪندي:

”هن حڪومت عوام کي بک افلاس، بيروزگاري، مهانگائي، بدامني ۽ ڪرپشن ڏني آهي پر حد تہ اها ٿي ويئي جو ماڻهو پنهنجن مسئلن جو حل لاءِ خودڪشيون ڪري رهيا آهن سڄي ملڪن ۾ ٿوري احتجاج ڪرڻ تي حڪومت ٽرٽلي ۾ اچي ويندي آهي. اسان عوام سان واعدو ٿا ڪيون تہ حڪومت ۾ اچي عوام جا سمورا مسئلا حل ڪنداسين جيئن هر هڪ پرسڪون زندگي گذاري سگهي.“

عوام پاران زوردار تاڙيون.......

جڏهن انهيءَ ساڳئي سياستدان جي پارٽي حڪومت ۾ اچي ويئي تہ اخبارن ۾ هر روز خبرون لڳڻ شروع ٿيون تہ هڪ مزدور پنهنجا ٻار وڪڻڻ لاءِ وچ چوڪ تي ٻارن سان گڏ بينر ڪٽي بيٺو تہ:

”خدارا منهنجا ٻار خريد ڪيو مان ڪين پيٽ پري ڪارائي نٿو سگهان!“

پر پوءِ بہ حڪومت جي مٿي تي جونءِ بہ نٿي چري.....

***

# سچا اکيون

اڌ رات جو اوچتو جٽئين ئي، ننڊ مان جاڳيس ۽ ڏٺم تہ ڪمري جي چئن ئي ديوارن تي رڳو ڪيئلينڊر لڳل نظر آيا......هر ڪيئلينڊر تي ٻارنهن مهينن سان گڏ هڪ تصوير پڻ اڪريل هئي......هڪ ديوار تي ٻارڙيءَ جي تصوير، ٻئي ديوار تي نوجوان ڇوڪريءَ جي تصوير، ٽئين ديوار تي اڌ عمر واري عورت جي تصوير ۽ چوٿين ديوار تي هڪ ڪراڙيءَ جهور پوڙهيءَ عورت جي تصوير هئي. هڪ اهم

ڳالہ تہ سيني تصويرن ۾ مونکي اکيون ساڳيون ئي ٿي ڀاسيون....خوبصورت من کي موهيندڙ، ٻاڻ ڏانهن بيحد ڪشش رکندڙ جيڪي مون زندگي ۾ اڳ ڪڏهن، ڪٿي ڏٺيون هيون، سو تہ مونکي ياد نہ ٿي آيو پر سندن سان شناسائيءَ جو بيحد گمان ضرور ٿي ڀاسيو ڇو تہ اهڙيون اکيون منهنجون آئيڊيل ضرور رهيون آهن. مان بيچين ٿي ويس......مون جلدي اٿي، ڪمري جي لائيٽ ٻاري تہ ڪمري جي چئني ديوارن تي ڪجه بہ نہ هو......لائيٽ ٻارڻ کان اڳ تہ مان انهن  خوبصورت اکين جي سحر ۾ ورتل هوس، پر لائيٽ ٻارڻ کانپوءِ منهنجو نرڙ پگهر ۾ شل ٿيندو ٿي ويو ۽ من ملول ٿيندو ٿي ويو. ذهن تي بار محسوس ٿي رهيو هو.......اهي اکيون منهنجي ذهن تي ديرو ڄمائي ويهي رهيون.......مان اها سڄي رات سمهي نہ سگهيس.....

ٻئي اڌ رات جو جٽئين ئي ننڊ مان جاڳيس ۽ ڏٺم تہ ڪمري جي چئن ئي ديوارن تي رڳو اکيون ئي اکيون آهن، جيڪي مونکي ڀرين ڏينهن تي ڇهرن تي نظر آيون هيون اڄ انهن ڇهرن ڪانسواءِ هيون ۽ رڳو روئي رهيون هيون......ڏاڍو ڏک ٿي رسيو ۽ انهن اکين ۾ مان ڳوڙها نٿي ڏسي سگهيس...... مون جلدي اٿي ڪمري جي لائيٽ ٻاري تہ ڪمري جي چئني ديوارن تي ڪجه بہ نہ هو......ڀرين ڏينهن جيان، وري ديوارن تان غائب هيون اهي ڇهرن ڪانسواءِ اکيون......... مان اها سڄي رات بہ سمهي نہ سگهيس.....

ٽئين اڌ رات جو مان ننڊ مان جاڳي نہ سگهيس ڇو تہ مونکي دل جو دورو پيو هو ۽ مان ٻيهر اهي اکيون ڏسي نہ سگهيس، نہ ئي مون کي ڪمري جي لائيٽ ٻارڻ جيترو موقعو ملي بہ سگهيو هو. مان انهن خوبصورت اکين کي ڏسڻ ۽ پسڻ جي چاهنا ڪٽي پنهنجي جسم کي ڇڏي اڏامي ويس.

❊❊❊

# خواب جي حقيقت

هر پاسي لاش ئي لاش پيا آهن.....ڦٽيل، چچريل لاش، مڙئي ڪن جا چهرا صحيح سلامت آهن نہ تہ باقي سمورن لاشن جا چهرا بگڙيل صورت ۾ آهن. گهرن ڪي باهہ لڳل آهي. سڀ ڪجه رک پيو ٿيندو وڃي. سمجه ۾ نٿو اچي تہ اهو سڀ ڪجه ڪيئن ٿيو.....ڪهڙي شيءِ کي بچائجي ۽ ڪهڙيءَ کي سڙڻ ڏجي هر شيءِ ٻري ۽ سڙي رهي آهي ......هر پاسي رڙ پئي پئي...... باهہ جو ايترو تہ تاءُ آهي جو اهو تاءُ هن پنهنجي اندرجي گهرائي تائين محسوس ڪيو ۽ پوءِ هڪدم سندس اکيون کلي ويون.......

هي پنهنجي پٽيل اکين ۽ حيرانگيءَ مان ماٺ ڪيو پنهنجي پلنگ تي اٿي ويهي رهيو. هن کي ڪجه بہ سمجه ۾ نٿي آيو تہ هن کان پنهنجو پاڻ چپن تي اچي ويو:

" اهڙو ڀيانڪ خواب......!"

هن ڪمري جي ڇت تي لڳل گهڙيال تي نظر وڌي تہ رات جا اڍائي ٿي رهيا هئا هيڏي سيءَ هجڻ باوجود بہ ڪيس جسم تي پگهر محسوس ٿيو. هن اٿڻ مهل دانهن بہ نہ ڪئي ۽ پاسي ۾ ستل زال کي بہ ڪونہ اٿاريو ۽ بس پلنگ تان اٿي ڪمري ۾ پسار ڪرڻ لڳو......سندس چپن تي سگريٽ هو ۽ ذهن ۾ خواب ڦري رهيو هو. اها سموري رات هي سمهي نہ سگهيو.

هن انهيءَ خواب ۾ لڳل باهہ جي گرمي کي ٻن ٽن ڏينهن تائين پاڻ ۾ پئي محسوس ڪيو. سندس گهر واري جيڪا سندس طبيعت کان واقف هئي ٻن ٽن ڏينهن کان ڪيس وياڪل وياڪل جو ڏٺو تہ پڇي ويٺس:

"خير تہ آهي........ڇا ٿيو آهي توکي ؟"

"ڪجه بہ تہ ناهي.......!"

"ڪجه تہ آهي نہ تہ اڳ ڪڏهن بہ تون ائين ماٺ نہ رهيو آهين."

" اهڙي ڪا بہ ڳالهہ ناهي نہ تہ توکي ٻڌائيندو نہ آهيان........ڪجه ڏينهن کان مان ڪنهن ڪهاڻي لکڻ جي پلاٽ تي سوچي رهيو آهيان سو انهيءَ خيال ۾ ئي گم سم رهان ٿو ٻيو ڪجه بہ نہ آهي تنهنڪري تون فڪر مند نہ ٿيءُ......"

" مان تنهنجي زال آهيان مونکي فڪر نہ هوندو تہ ڪنهن کي هوندو.....!"

صوفا سيٽ تي ويهندي زال کي چيائين:

”تون هيئين ڪر مون کي سڻي چانه پيار....ڪهاڻيءَ تي سوچي سوچي ڏاڍو ٿڪجي پيو آهيان........“

سندس زال چانه ٺاهڻ لاءِ هلي ويئي ته هي ائين ئي ويچاڙو ويٺو رهيو ۽ پنهنجن چپن ئي چپن ۾ چوڻ لڳو ته :

”ايترا لاش ۽ سندن چهرا به بگڙيل.....اف خدا..........هي آخر ڇا هو........؟“

دل کي آٿت ڏيڻ لاءِ ڏنائين ته:

” آخر مان ايترو ملول به ڇو آهيان...... اصل ۾ اهو هڪ خواب ئي ته هو جيڪو حقيقت بلڪل نه هو........ان تي ايترو وياڪل ڇو ٿجي.......؟“

ايترو ذهن ۾ سوچڻ کان پوءِ ڪجهه پاڻ کي بهتر ٿي محسوس ڪيائين ته ايتري ۾ سندس زال گرم چانهه جو مڳو هٿ ۾ ڏنائنس هن مرڪي ورتو ۽ مڳو وٺندي چيائنس ته:

” ٻڌ....! “

” جي...! “

” ان ٽيليويزن کي ته هلاءِ.........خبرن جو وقت ٿي ويو آهي....! “

سندس گهر واري ٽيليويزن هلائي ته ٿوري دير ۾ اهم خبرون هلڻ شروع ٿي ويون.......اهم خبرن ۾ سموري ملڪ اندر خود ڪش ڌماڪن جون خبرون هيون...... ٽيليويزن جي اسڪرين تي نظر ايندڙ فلم ۾ رڳو باهه ئي باهه هئي.....هر پاسي لاش ئي لاش پيا هئا....ڦٽيل، چچريل لاش، هر شيءِ ٻري ۽ سڙي رهي هئي.

هي اهو سڀ ڪجهه ڏسي ئي هڪ جاءِ تي ڄمي ويو.......ٻه ٽي ڏينهن اڳ ڏٺل خواب پنهنجي حقيقت ڏيکاري ويو هو.....

***

# مورتي منهنجي، ڪنهن جو خدا!

شهر جو پنڊت مورتي شاپ تي آيو. جتي سنگ مرمر مان مورتيون ٺاهيون وينديون آهن نہ صرف مورتيون، پر پٿر مان ٻيا بہ ساڻيڻ جهڙا گفٽ پڻ جوڙيا ويندا آهن. اهو سمورو ڪمال ڪاريگرن جي فن جو آهي ۽ سرمائيدار انهن کي ٿوري اجرت ڏيئي ججهو ناڻو ڪمائي رهيو آهي. هن شاپ جو، هونئين بہ، هن ترڪ ۾ ڪافي نالو آهي. شاپ جي مالڪ سيٺ، پنڊت کي ڪيڪاريو ۽ چيو:

”حڪم ڪيو سائين! مان توهان جي ڪهڙي خدمت ڪري سگهان ٿو؟“

پنڊت شاپ جو جائزو وٺندي چيو:

”اصل ۾ مون کي مندر جي لاءِ هڪ مورتي کپندي آهي.....ڇا توهان جي شاپ تي ملي ويندي؟“

”سائين! ضرور ملي ويندي........توهان شاپ جي هن سيڪشن ۾ اچو........!“

سيٺ ڪيس شاپ جي مورتين واري سيڪشن ۾ وٺي اچي ٿو. جتي هڪ کان هڪ سندر مورتي وڪامڻ لاءِ موجود آهي.....جيڪي هڪ نظر ڏسڻ سان ئي ڪاريگرن جي فن جو ڪمال لڳي رهيون آهن......پنڊت اهو ڏسي چيو:

” واهه.....واهه.....جهڙو توهان جي شاپ جو نالو ٻڌو هو، تهڙو هاڻي ڏسي بہ ورتو آهي......اصل ۾ مونکي اهڙي ديوي جي مورتي کپي جنهن جي اکين ۾ ممتا جي محبت هجي.......سندس منهن تي مرڪ معصوم ٻار جي پاسي....... سندس سندرتا چهري مان اهڙو ڏيک ڏيندي هجي جئين قدرت جو سمورو حسن ان ۾ جهلڪا ڏيندو هجي..... هن جي پيشاني وارو تلڪ سورج ديوتا جو پرتوو ٿي پاسي ......۽ سندس جسم کير جهڙو پاڪ پوتر، اڇو اجرو ٿي پاسي.......جنهن کي ڏسي هر دل پاڻ هرتو گيان ڪرڻ لڳي.........جيڪڏهن توهان وٽ اهڙو ڪاريگر هجي تہ مونکي اهڙي ديوي جي مورتي جوڙائي ڏيو.......توهان پرواهہ نہ ڪيو جيتري رقم چوندا مان ڏيندم......“

سيٺ سمجهي ورتو تہ شاپ ۾ موجود ڪابہ مورتي ڪيس پسند نہ آئي آهي ۽ اڪثر جيڪي بہ پنڊت مندر لاءِ مورتي وٺڻ آيا آهن، تہ هنن هميشہ آرڊر تي ئي پنهنجي مورتي جوڙائي آهي. سيٺ مورتين جي بهترين ڪاريگر آڪاش کي گهرائي، کيس پنڊت سان ملرايو جنهن کيس مٿي ذڪر ڪيل مورتي جوڙڻ لاءِ چيو جنهن تي آڪاش پنڊت کي چيو تہ:

” مان دعويٰ تہ نٿو ڪيان پر، اهڙي مورتي ناهڻ جي مان ڀرپور ڪوشش ڪندم....“

” پوءِ ڀلا! مان ڪڏهن اچان....؟ “

پنڊت سيٺ کي چيو انهيءَ تي سيٺ، آڪاش ڏانهن ڏٺو جنهن تي آڪاش چيو:

” هفتو لڳي ويندو “

ان تي پنڊت، سيٺ کي چيو:

” ٺيڪ آهي؛ مان ڪجه رقم ايڊوانس جمع ڪرايان ٿو ۽ هي منهنجو رابطي جو نمبر آهي...“

جئين ئي پنڊت روانو ٿي ويو ته سيٺ، آڪاش کي چيو:

” آڪاش! تون مورتي ٺاهڻ ۾ لڳي وڃ!“

” جي سيٺ صاحب! هڪ عرض ته منهنجي ننڍڙي ڇهن پنجن ڏينهن کان ڪٽ تي بيمار پئي آهي ڪجه رقم ايڊوانس ڏيو ته هن جو علاج ڪرايان......! “

” آڪاش! تون اڳ ۾ ئي ڪافي رقم جو قرضائي آهين.....مونکي خبر آهي ته اها مورتي تون ئي ٺاهي سگهين ٿو...سو اڳ ۾ مورتي ٺاهي اچ ڪجه قرض به لاهه پوءِ ڪجه رقم به وٺ....شاباس هاڻي گهر وڃ ۽ مورتي ٺاهڻ کي لڳي وڃ....“

جئين ته آڪاش، سيٺ جي سخت طبيعت مان واقف هوتنهنڪري هن بحث نه ڪيو ۽ سڌو گهر اچي مورتي ٺاهڻ لاءِ سوچڻ لڳو.......گهڻو ويچار ڪرڻ ڪانپوءِ....پنهنجي ننڍڙي ڌيءَ ڪويتا کي سامهون ويهاري ان جي مورتي ٺاهڻ لڳو.....اڄ آڪاش پنهنجي اندر ۾ پاڻ سان وچن ڪيو ته اڄ ئي هي مورتي ٺاهي سيٺ جي حوالي ڪندو، جئين پنهنجي ننڍڙي ڪويتا جو علاج ڪرائي سگهي.....شام تائين هن مورتي کي ٺاهي راس ڪيو. پنهنجي هٿن جي سموري ڪاريگري هن مورتيءَ ۾ اوتي ڇڏي... آڪاش مورتي کي ڪپڙي ۾ ويڙهي سيٺ وٽ ڪٺي آيو.

” سيٺ! هي تنهنجي مورتي، جنهن جو اڄ صبح توهان آرڊر ورتو هو......گهرايو پنڊت کي جئين ڏسي ڪري پسند ڪري.....“

سيٺ حيران آهي ته آڪاش ڪڏهن به آرڊر تي ايترو تڪڙي مورتي ڪونه جوڙي هئي...هميشه هفتو پندرنهن ڏينهن ضرور لڳائي ڇڏيندو هو. سيٺ، آڪاش کي چيو:

” آڪاش! اڄ جو اڄ تو مورتي جوڙي ورتي....سا به هڪ ڏکي جنهن جي مونکي ٺيڪ ٺاڪ رقم ملڻي آهي....! “

” جي بلڪل....اها ئي مورتي جيڪا اڄ منهنجي لاءِ هڪ وڏو ڏڌ ثابت ٿيندي....“

آڪاش اهو جملو وڏي اعتماد سان سيٺ کي چيو. سيٺ پنڊت سان رابطو ڪيو. جيڪو ٿوري ئي وقت ۾ شاپ تي پهچي ويو.... آڪاش کي پنهنجي ڪاريگري تي پورو پورو ڀروسو آهي هن جئين ئي مورتي کي ڪپڙي کان آجو ڪيو ته پنڊت مورتي کي ڏسندي ئي ٻئي ٻانهون ٻڌي پنهنجي

مونڊي سندس اڳيان جهڪائي ڇڏي.....ان سمي آڪاش جي اکين تي خوشيءَ جي چمڪ ۽ منهن تي مرڪ تري آئي ۽ انهيءَ ئي سمي سيٺ لالچي ڪل ڪلي رهيو آهي.....ڪجه ساهي ڪانپوءِ پنڊت ٻانهون هيٺ ڪري پنهنجون اکيون کوليون ۽ سيٺ کي وات کان ڇيل رقم ادا ڪري مورتي کي ادب ۽ احترام سان کڻي روانو ٿيو.....سيٺ رقم ڳڻي دراز ۾ رکي ۽ آڪاش سندس اڳيان سواليہ نشان جيان بيٺو آهي، سيٺ ٻئي دراز مان ڪاتي جو بوڪ ڪڍي ان تي حساب ڪتاب لکندي آڪاش کي چيو:

” آڪاش! باقي تون سٺن هزارن جو قرضائي آهين.....هاٽي وچ ٻئي آرڊر ملڻ جو انتظار ڪر......! “

آڪاش، سيٺ سان بحث ڪرڻ ٿي چاهيو پر سيٺ سان بحث ڪرڻ فضول ٿي لڳو.....آڪاش هاٽي پنهنجين اکين ۾ لڙڪ سانديو جئين ئي پنهنجي گهر پهتو آهي تہ سندس ننڍڙي ڪويتا جي جيون جو ڏيو اجهامي چڪو آهي.....آڪاش کي ائين لڳو.....هن ڪويتا جي مورتي ٿاهي جڻ ان کي ماري وڌو آهي.........!

***

# وڻندڙ راز

”چوندا آهن راز ڪي راز ئي رهڻ ڏجي ؟“

”پل نہ ٻڌاءِ.... منهنجي ڪهڙي گتي پئي آهي.....جيڪا بہ ڳاله هجي.... منهنجو ڪهڙو ڪم وڃي هن سان.......!“

”چو اڳ تہ گهوريو پئي ويندي تون, هئين هاڻي ڇا ٿيو اٿي ؟“

”مون کي ڇا ٿيندو.....مان ڇو گهوريو ويندي هئي مانس.......“

”ڇڏ ڪٿي ضد کي.......وٺي گوڙ وڌو ٿي......“

”مون ڪهڙو ضد ڪيو آهي.......تون پاڻ ئي ٻڌائڻ ٿي چاهيو....مون ڪهڙو گوڙ وڌو آهي؟“

”مان ڇا ڳاله ڪئي جو توکي اچي باهہ لڳي آهي......“

”باهہ لڳي منهنجي دشمنن کي.....“

”تہ ڇئبو دشمن بہ اٿي نہ.....!“

”ڏس مونکي گهٽو نہ کجاءِ“

”مان چرين کي ناهيان کجائيندي....“

”ڳاله ڇا آهي....؟“

”اچي وئين نہ پنهنجو پاڻ راهہ تي......“

”هاڻي ڪٿي ٻڌاءِ بہ......!“

”چو ساهہ پيو وڃئي ڇا.....؟“

”هاڻي ڳاله صاف ۽ چٽي ڪر.....نہ تہ مان وڃان پئي....“

”ٻڌ چري! ادا سان تنهنجو مڱڻو ٿي ويو آهي ......“

اهو ٻڌي هوءَ شرم وچان پنهنجا هٿ پنهنجين اکين تي رکي جهرڪيءَ جيان پڙڪو ڏيئي اڏامي ويئي.

***

## نڪ جو پڪو

هڪ مهل:

”صفا ڪو نڪ جو پڪو آهي....!“

ننڍڙي ڌيءَ ماءُ کان پڇيو:

”امان! اهو نڪ جو پڪو ڇا آهي...؟“

”جنهن جي بيعزتي ڪجي پر پوءِ بہ نہ مڙي......!“

ٻئي مهل:

”بابا! نڪ جو پڪو ڇا آهي....امان ٻئي ڇيو تہ جنهن جي بيعزتي ڪجي پر پوءِ بہ نہ مڙي.......!“

”ائين ٻئي ڇيائين.....صفا ڪا نڪ جي نرجي آهي......!“

”بابا! اهو نڪ جي نرجي ڇا آهي.....؟“

”جنهن جي بيعزتي ڪجي پر پوءِ بہ ڳيچي ۾ هجي.......!“

ٽئين مهل:

”امان! نڪ جي نرجي ڇا آهي.....بابا ٻئي ڇيو تہ جنهن جي بيعزتي ڪجي پر پوءِ بہ ڳيچي ۾ هجي.......!“

”ائين ٻئي ڇيائين.......صفا ڪو نڪ لٿو آهي........!“

”امان! اهو نڪ لٿو ڇا آهي......؟“

”جنهن جي صفا ڪا بہ عزت نہ هجي.......جنهن سان رهڻ بہ بيعزتي هجي........!“

چوٿين مهل:

”بابا! اهو نڪ لٿو ڇا آهي.......امان ٻئي ڇيو تہ جنهن جي صفا ڪا بہ عزت نہ هجي.......جنهن سان رهڻ بہ بيعزتي هجي........!“

”ائين ٻئي ڇيائين اڄ مون سان گڏ.......هي لفافو پنهنجي ماءُ کي وڃي ڏي.“

آخري مهل:

”امان! بابا هي لفافو ڏنو آهي. سندس ماءُ لفافو کولي پڙهيو تہ ان تي ٽي ڀيرا ’طلاق‘ لکيل هئي.

***

## پنهنجو پاڻ سان ناراض

”صديون اڳ جڏهن جنميو هوس ڌرتي تي.......آزاد حيثيت ۾.....سموري ڌرتي منهنجي ئي ته هئي.....ڌرتي جي هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين پنهنجي مرضي سان گهمندو ڦرندو رهندو هوس.......پهريان قدرتي آفتن مونکي ايترو ڊيڄاريو جو ان کان پنهنجو پاند آجو نه ڪرائي سگهيم........ڊڄڻو ۽ گيدي ٿي پيم.....جنهن کان ٿي ڊنم تنهن جي ٿي عبادت ڪيم.....پوءِ ويا ٺهندا وڏا وڏا دائرا جن جي ور وڪڙ ۾ اڄ به ڦاٿل ئي آهيان.....هاڻي روز ٿو پنهنجو پاڻ کي ماريان...وري ٿو جيان......وري ٿو ماريان وري ٿو جيان.......جيتري شدت سان ٿو پاڻ کي ماريان اوتري شدت سان ٿو جنم وٺان......هاڻي ته پاڻ کي ئي سمجهه ۾ نٿو اچي ته آخر مان پاڻ کي پاڻ ماري چاهيان ٿو.......؟“

”سمجهه ۾ نٿو اچي يا پوءِ مان سمجهڻ ئي نٿو چاهيان.......ته آخر مان ائين ڪيان به ڇو ٿو.......ڪٿي مان ڪنهن جي هٿان استعمال ته نه ٿي رهيو آهيان....... صديون اڳ جنميو هوس ڌرتي تي.......آزاد حيثيت ۾......سموري ڌرتي منهنجي ئي ته هئي.....ڌرتي جي هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين پنهنجي مرضي سان گهمندو ڦرندو رهندو هوس.......مون کي سوچڻ ڪپي......گهڻي سوچ ويچار ڪانپوءِ پنهنجي جسم سان ٻڌل بارودي جيڪٽ لاهي ذهن ۾ موجود وڏن ويڪرن دائرن ۾ اڇلي ٿو ڇڏيان.......پوءِ هڪ وڏو ڌماڪو ٿئي ٿو جنهن ۾ سمورا دائرا تباهه ٿي وڃن ٿا ۽ مان وري ٻيهر آزاد ٿي وڃان ٿو.......“

***

# درياءَ شاهه

منهنجو پٽ جاني، اجا ننڍڙو آهي، هو پنجين ڪلاس ۾ پڙهي ٿو پر سندس سوچ ٻين ٻارن کان الڳ آهي، جو هو ڌرتيءَ سان بيحد چاهه رکي ٿو. ان سوچ پيدا ڪرڻ ۾ ڪجهه هٿ ضرور منهنجو به آهي ڇو ته هو منهنجو ئي ته پاڇو آهي.

مونکي پنهنجي آفيس جي ڪم سانگي سکر وڃڻو آهي سوچ ڪيم ڇونه جاني کي به ان بهاني سکر گهمايان ۽ کيس درياءَ شاهه جو سير ڪرايان جيڪو صدين کان سنڌ ڌرتيءَ جي جياپي جو اهڃاڻ رهيو آهي. اسان سڀني سنڌين جو هن ۾ ساهه آهي تڏهن ته اسان کيس پيار ۽ احترام مان ”درياءَ شاهه“ چوندا آهيون. رات جو سياڻي سکر هلڻ ۽ درياءَ شاهه گهمڻ جي جاني سان ڳاله جو ڪيم ته ڏاڍو خوش ٿي مونکي ڀاڪر پري هڪ ڳل تي مٺي ڏنائين ۽ موٽ ۾ مون به.

اسان ٻئي ڀيءُ پٽ صبح جو سکر لاءِ روانا ٿياسي.....سکر پهچي پهريان آفيس جو ڪم ڪار چڏائي جاني کي چيم:

”پٽ جاني! هاڻي اڳ ۾ ڪٿي هلجي؟“

”بابا! اڳ ۾ درياءَ شاهه تي هلو...مان پهريون ڀيرو پنهنجي درياءَ شاهه کي ڏسندم جنهن کي مان صرف ٽيلي ويزن تي ئي وهندي ڏٺو آهي.“

اسان ٻئي رڪشي ۾ ويٺا سين ته رستي ۾ جاني مونکا سوال ڪيا ته:

”بابا! درياءَ شاهه ڪيترو وڏو آهي.......ان ۾ پاڻي ڪٿان ٿو اچي.....اهو ڪٿي وڃي پورو ٿئي ٿو.....؟؟؟

”اسان جو درياءَ شاهه وڏو ۽ ويڪرو دريا آهي هن ۾ پاڻي اترين جبلن مان يعني ڪيلاش مان اچي ٿو ۽ اسان جو درياءَ شاهه وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو...۽ سمنڊ کي اڳتي وڌڻ کان روڪي ٿو.....پر اڄڪله.........!“

”بابا!اڄڪله ڇا.......؟“

مان جاني جي انهيءَ سوال جو جواب ڏيڻ تي سوچي ئي رهيو هيم ته ايتري ۾ درياءَ شاهه تي پهچي وياسين. رڪشي مان لهي، لب مهراڻ باغ ۾ داخل ٿي درياءَ شاهه جي طرف وڌڻ لڳاسين جاني ڏاڍو خوش لڳي رهيو آهي......اسان جئين جئين درياءَ شاهه کي ويجهو ٿيندا رهياسين تئين تئين اسان کي درياءَ شاهه ۾ پاڻي نظر نه ٿي آيو مون کي حيرت ان وقت ٿي جڏهن مون ويجهو وڃي ڏٺو ته درياءَ شاهه ۾ رڳو واري ئي واري نظر آئي.......ان سمي منهنجون وايون بتال ٿي ويون.....منهنجي وات

مان نڪتو:

”هي ڇا هيڏا هاڃان اسانجي درياءَ شاهه سان......!“

”جي بابا! ڇا ٿا چئو!؟“

”پٽ جاني! مان جڏهن تو جيترو ننڍڙو هوس تہ تو وانگر مان پنهنجي بابا سائين سان درياءَ شاهه تي ايندو هوس تہ دريا شاهه پاڻيءَ سان ڀريل وهندو هو ۽ مست ٿي پنهنجي موج ۾ وهندو هو پر هي سڀ ڪجهہ ڏسي منهنجين اکين کي يقين ئي نٿو اچي هيڏا ڪلور درياءَ شاهه سان ........سمورو خالي پيو آهي.......منجهس پاڻيءَ سواءِ واري پئي اڏامي......!“

منهنجوايترو ٻڌي جاني مونکي چنبڙي پيو:

” بابا توهان پنهنجي بابا سائين سان درياءَ شاهه تي ايندا هئا تہ درياءَ شاهه مست ٿي وهندو هو......اڄ مان توهان سان گڏ آيو آهيان تہ درياءَ شاهه ۾ رڳو واري پئي اڏامي.....پلا بابا! مونکي اهو تہ ٻڌايو جڏهن مان پنهنجي پٽ سان درياءَ شاهه تي ايندم تہ ڇا دريا شاهه هوندو!؟؟؟“

❋❋❋

# ايف.آءِ.آر

ڪليل عدالت: اڳيان سمورن ساجاهہ وند فردن جي.

تاريخ ويه سيپٽمبر سال 2005 ، فريادڻ جو نالو ۽ ويٺلائپ، انسانيت ڌيءَ آدم ذات انسان، ويٺل مرزا پور پاڙو شهر هالا، سنڌ، دنيا، ڪائنات. ڏوهہ قلم 302 ڪرمنل پروسيجر ڪوڊ هيٺ، واقعي جو هنڌ ۽ ٿاڻي کان فاصلو ڪيبن دليپ ڪمار اوله ڏکڻ جي ڪنڊ ٿاڻي کان سوءِ فٽ پري، ڪارروائي ڪرڻ ۾ دير ٿي هجي تہ، پوليس پاران دير ٿي دير ظلم ٿي ظلم، ٿاڻي کان روانگي ۽ وقت، اجان تائين ڪوبہ عمل ٿي نہ سگهيو آهي.

جناب اعلي!

جئين تہ منهنجو نالو انسانيت آهي مان پنهنجي اٺارنهن سالن جي ڳڀرو نوجوان پاٽڙي دليپ ڪمار سان ۽ ٻين گهر ڀاتين سان گڏ رهندي اهيان. منهنجو لاڏلو پاءُ اسان جي گهرجو اڪيلو ڪمائيندڙ هو. هو ڪمائيندو هو تہ گهر ۾ چلهو ٻرندو هو پا ءُ دليپ بابا ۽ امان جي عزت ڪرڻ سان گڏ مون سان بہ بيحد پيار ڪندو هو. اڄ صبح جو نيرن ڪري جئين منهنجو لاڏلو پاءُ پنهنجي ڪيبن تي روزگار جي حوالي سان وينو هو جو پوليس جي موٽر سائيڪل تي هڪ اندر جو ڪارو ۽ پوائتي مڇن وارو جمعدار آيو ۽ اچڻ سان منهنجي پاءُ دليپ ڪمار کي گار ڏيندي چيائين تہ ” اڙي تون پنهنجي ڪيبن تي نقلي سوپاريون ٿو وڪڻين! سڌو ٿاڻي تي هل.“ منهنجو پاءُ دليپ ڪمار جيڪو نهايت ئي با اخلاق نوجوان هو تنهن تمام گهڻي اخلاق سان چيس تہ ”نہ صاحب! هي ڪمپني جو مال آهي ان ۾ منهنجو ڪوبہ قصور نہ آهي ۽ نہ ئي هي ڪي نقلي سوپاريون آهن.“ پر اندر جو ڪارو جمعدار ڪيس زوري سيني پاڙي وارن سامهون گار گند ڪندو ڪنيي ڪٽي ويو. جڏهن ان واقعي جي اسان کي خبر پئي تہ اسان پنهنجي پاڙي جي ڪائونسلر عبدالرحمان راجپوت ۽ پاڙي جي ٻئي قربان دايو کي عرض ڪيو جن فيصلو ڪري هڪ هزار روپين عيوض منهنجي پاءُ دليپ ڪمار کي آزاد ڪرايو. جئين ئي منهنجو لاڏلو پاءُ گهر موٽيو تہ تمام گهڻو مايوس ۽ پريشان ٿي لڳو. هن جي اندر ۾ ڪجهہ هو جيڪو هن کي مايوس ۽ پريشان ڪري رهيو هو. مون کي الائي ڇو الاهي سارا وسوسا وڪوڙي ويا. منهنجي پڇڻ تي هو زار و قطار روئيندو رهيو. منهنجو پاءُ ڏاڍو حساس فرد هو مٿان وري ننڍڙي عمر ۾ ئي گهر جا بار پئجي ويا هئس. هو ايترو تہ با اخلاق هو جو آئي وئي، ننڍي وڏي جي عزت ڪندو هو ۽ پاڙي وارا بہ هن جي تمام گهڻي عزت ڪندا هئا ۽ ٻارڙن سان تہ دل هوندي هئس هن واقعي کان پوءِ سموري رات سمهي نہ سگهيو هو ۽ روئيندو ئي رهيو هو. صبح جو سوير هي ڪيبن تي

هليو ويو صبح جو سمورا گهر ڀاتي هڪ مائٽ جي ڏيهانت تي ڪنڌيارو وڃي چڪا هئا. وقت اٽڪل منجهند ڏاري منهنجو پاءُ ڪيبن ڪليل ڇڏي گهر ۾ داخل ٿيو ۽ ڪمرو بند ڪري پاڻ کي پکي ۾ منهنجي رئي سان ٽنگي ڇڏيو مون ان ويل هانو ڦاڙيندڙ رڙيون دانهون ۽ گگهرات ڪيا پر منهنجو حساس پاءُ پکي ۾ جهولي رهيو هو. منهنجو پاءُ دليپ پنهنجي بيعزتي برداشت نہ ڪري سگهيو ڇو تہ هو هڪ حساس فرد جو هو بي ايمان سماج هن کي خودڪشي ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. منهنجو پاءُ جيڪو پنهنجي گهر وارن لاءِ جيئڻ جا جتن ڪري رهيو هو. بنا ڪنهن جي هٿ ٽنگڻ جي پنهنجي روزي پاڻ ڪمائي رهو هو. ڪنهن بہ طرح هو ڪنهن تي بار تہ نہ هو. منهنجو پاءُ بهادر هو تڏهن تہ هن سماج ۾ باغي جو ڪردار ادا ڪيو. منهنجو سوال اهو آهي توهان ساڃاهہ وند فردن کان آخر منهنجي معصوم پاءُ سان ائين ڇو ڪيو ويو. منهنجي پاءُ جو قاتل اهو اندر جو ڪارو ۽ ٿلهو پوائنٽي مڇن وارو جمعدار آهي جيڪو منهنجي پاءُ جي خون جو ذميدار آهي. مان فرياد ٿي ڪيان تہ تدارڪ ٿئي ۽ مون سان انصاف ڪيو وڃي.

صحيح فريادڻ

انسانيت

# سرد ٽي ويل ڪهاڻي

هڪ ڪهاڻيڪار ڪهاڻيءَ جي ڳولاهہ ۾ هو. هڪ اهڙي ڪهاڻيءَ جي ڳولاهہ ۾ جيڪا ڇرڪائيندڙ هجي جنهن ۾ رڳو درد ئي درد هجي گهڻيون ئي ڪهاڻيون پيار محبت تي لکجي چڪيون. هي سڄو ڏينهن ڪهاڻيءَ جي ڳولاهہ ۾ ئي رهيو. هي هڪ هوٽل تي ٻاهر ڪرسي تي ويٺو هو ۽ روڊ تي تيزيءَ سان ٽريفڪ گذري رهي هئي. هي سپ سپ چانه پي رهيو هو تہ اوچتو روڊ تي زور دار بريڪ لڳي هڪ ننڍڙي معصوم ٻارڙي ڪار هيٺيان اچي ويئي سندس ماءُ ڪيس ڪٽي ورتو جنهن جي منڊي لڙڪيل ۽ رت وهي رهيو هو سندس هٿن ۾ گل هئا جيڪي هن جي هٿن ۾ مضبوطي سان پڪڙيل هئا، جيڪي روئي رهيا هئا هن جي مرڻ تي.

هي اٿيو هن کي ڪهاڻي لکڻ لاءِ پلاٽ ملي ويو هو. هن هوٽل جي پاسي واري بوڪ اسٽور تان ڪورا پنا ورتا، انهيءَ ڪهاڻيءَ کي لکڻ لاءِ ۽ هي تيزي سان روانو ٿيو پنهنجي گهر ڏانهن، جئين ئي هن روڊ ڪراس پئي ڪيو تہ هڪ زوردار بريڪ لڳي هن کي اچي ڪار لڳي ۽ هي اُڏري وڃي پري ڪريو ڪورا پنا هوا ۾ هڪ هڪ تي اڏامي رهيا هئا هن جي لاش کي ماڻهن ڪٽي ورتو ۽ وري ٽريفڪ ساڳي رفتار سان هلڻ لڳي.

❋❋❋

# شطرنج

بادشاهہ وزير جون جنگهون ڪيڏيون، وزير گهوڙن جون، گهوڙن پيادن جون ۽ پيادا مرندا رهيا، راند پوري ٿي تہ بادشاهہ راند کٽڻ تي خوش آهي يا پنهنجي راعيا مارجڻ تي!

❋❋❋

# سچڻ ۾ ساٿيه

سڪ جي ساگر ۾ لڙهندو پئي ويم....اڪين ۾ ڪوسو پاڻي، وات ۾ ڪوڙاڻ، نڪ اندر آلاڻ محسوس ڪيم....پاڻ کي ڏاڍو سنڀارڻ جي ڪوشش پئي ڪيم....پر سڀ ڪجه وهندو پئي ويو سڪ جي مها ساگر۾....وقت ڳرندووييو....سرير کي ڪاٻه سڌير نہ ٿي....سمجهيم هاڻي پاڻ تان آسرو لاهيڻو ئي پوندم....سورن اهڙو پيچ پاتو اٿم جو 'جيئڻ ڪاڻ جيڏيون وڏا وس ڪيام'....هانو تي تري آيو....تہ وري پوءِ بہ لطيف سائين جي چيچ جهليم تہ ڪن تي پڙلاءُ پيم....'ويني نت نهاريان راڻا! تنهنجو راھ...موٽائي ماڳن ۾، آڻيندوءِ الله....سوڍا! توڳر ساھ نات راڻا گهڻا راڄ ۾....'تہ ڪجه سڌير ٿيم...اميد جي امڪان جو ڏاڍو پڪڙي هلڻ جو هيلو ڪيم....من تي جا مونجه هئي تنهن کان ڇڙ تہ پاڻ کي آجو ٿي پايم....لطيف جي سٽ سٽ....'تئن دوست وراڪا دل سين'....پيهندي ويم من ۾....سڪ جو مها ساگر مانو تہ نہ ٿيو پر لطيف جي سٽ...'وڏيو هجين تہ ويہ نہ تہ وٺيو واٽ ون؛ تون...'جو سبق ٿي ڏنم....۽ 'صبر جن جو سيرتير نہ گسي تن جو...' جي مصداق تي لبيڪ سان لبيڪ چئي منهن مونن ۾ وجهي جو وينم تہ سڪ جي مها ساگر کي مانو ٿي پايم سرير اندر......

ان ڪثرت ۾ جي؛ مها ساگر مانو ٿيندو پئي آيو۽ پوءِ تہ مزوئي ٿيندو منهنجو جڏهن بہ سڪ جومها ساگر، موج مستي ۾ آيو تہ لطيف سائين جي چيچ جهليندم.....پوءِ 'ڪڻ اکيون کل يار! وڃن سور سنڌا ڪيو' چئي شانت ۾ هوندم. ساعت مس گذري تہ 'مون سارينديءِ سپرين! اڇين جي تون هاڻ، ڪريان روح رهاڻ، لڪن منجه لطيف چئي' جو من تي اولڙو جو پيم تہ انهيءَ سڌ ڪرڻ سان مها ساگر ۾ جهڙوڪ سونامي اچي ويم تہ پاڻ کي سچل سائين جي آڏو پايم مست الستي رمز ۾ چئي رهيو هو'جنهن دل پيتا عشق دا جام سا دل مست و مست مدام حق موجود سدا موجود.....هو......حق، هو.....حق!' سرير جو وار وار اٿي بيهي رهيم پاڻ بہ ناچو بڻجي ڦيرا پائيندو رهيم. سڪ جي مها ساگر ۾ سونامي آيل هئي......'حق موجود سدا موجود.....حق موجود سدا موجود......هو....حق....!'

ائين 'حق موجود....سدا موجود' جي صدا جاري هئي تہ لطيف سائين هٿ کان جهلي پاڪر ۾ پري ورتم....'مون ۾ تون موجود! آءُ اڳاهين آهيان' پاڻ کي جو ڏٺم تہ حيرانگي جي جهان ۾ هيم.....سونامي جو ڪوبہ نانءُ نشان نہ رهيو هو.....اکين ۾ پاڻي هوم.....'ساريو سپرين کي، لڙڪ ڳلن تي پون' اٿي بيهم پيہن تي 'ڪيڏانهن ڪرهو ڪاهيان؟' پڻائي گهوٽ شفقت سان چيم.....'جا پون پيرين مون، سان پون مٿي سڄڻين، ڏگ لتبا ڏوڙ ۾، اپي ڏناسون، ڏينهن مڙيئي ڏون؛ اٿي لوچ، لطيف

چئي‘ اهو تہ منهنجي لاءِ نئون راز هو جيڪو مون تي آشڪار ٿيو هو. مون کي عشق جي رياض نئين جهان جو اولڙو پسايو هو جيڏانهن ٿي ڪيم پرک سڄڻ سامهون تي پايم.....سڄڻ جي سونهن ۾ سڪ مون کي ساٿيہ جي ويجهو ڪري وڌو هو.

صبح جو ننڊ مان اٿيم تہ پاڻ ۾ پنهنجي دنيا کي بدليل ٿي پايم جلدي ۾ تيار ٿي ڪري يونيورسٽي پهتم تہ ڪلاس هلي رهيو هو. سائين سخي احمد ڪلاس وٺي رهيو هو. منهنجو موڊ اڄا بہ سٺو ٿي ويو ان ڪري بہ تہ سائين سخي احمد جو ليڪچر انتهائي متاثر ڪندو رهيو اٿم.

مون تي جو سائين جي نظر پئي تہ مون کي ويهڻ جو اشارو ڪيائين ۽ پنهنجي ليڪچر کي جاري رکندي چيائين.

”جيڪو بہ فرد جنهن مٽيءَ مان جنميو آهي، درحقيقت ائين سمجهڻ گهرجي تہ ان جو سمورو خمير بہ ان مٽي مان جڙيو آهي. ان مٽي جا سموري جا سمورا اثرات ان جي خمير ۾ شامل ٿيو وڃن. ان جو وڏو مثال ’سنڌي‘ ماڻهو جو ڏيئي سگهجي ٿو. ان ۾ توهان کي پنهنجي ڌرتي سان ڪمٽمينٽ نظر ايندي. سنڌي ماڻهو ’سڄڻ ۽ ساٿيہ‘ کي ڪڏهن ڪين وساري سگهي ٿو. لطيف سائين کان وٺي سائين جي ايم سيد تائين جو سڄو تا وٺي جهليون تہ هڪ ئي ڌاڳي ۾ پرويل ٿا لڳن. ڏسو اڳ ۾ ڪين مجازي عشق لڳي ٿو ۽ پوءِ ساڳيو ئي عشق حقيقي عشق ۾ تبديل ٿيل نظر اچي ٿو. انهيءَ ڪري سنڌي ماڻهو ڏاڍو نرم ۽ حساس آهي. هي پنهنجي ڌرتي جي معاملي ۾ انتهائي جذباتي آهي ۽ مان پڻ ائين ئي سمجهان ٿو تہ جنهن بہ ماڻهو ۾ وطن جي حب نہ آهي اهو هرگز انسان نٿو ٿي سگهي.“

سائين سخي احمد جو ليڪچر ٻڌي رهيو هيم پر رات ننڊ ۾ ڏٺل خواب جو اولڙو سائين سخي احمد جي ليڪچر ۾ پسي رهيو هيم. سائين سخي احمد وڌيڪ چيو.

”تنهڪري اسان کي، پنهنجي عشق کي، سڄڻ کان ساٿيہ جي عشق تائين وٺي هلڻو پوندو تڏهن اسان انهيءَ مجازي عشق کان حقيقي عشق تائين جي شروع ڪيل سفر کي سمجهي سگهنداسي. هتي هي ڳاله بہ واضع ڪندوهلان تہ منهنجن لفظن ۾ اها طاقت نہ آهي تہ ان سفر کي بيان ڪري سگهان پر هي هڪ اهڙو سفر آهي جيڪوبہ شروع ڪندو آهي ان جي ان کي بہ پروڙ نہ هوندي آهي. جئين لطيف سائين چئي ٿو. ’ڪڏهن ڪونہ ٿيوم، آٿارو تنهن عشق جو. محبوبن منٿون ڪري، سڪڻ سيکاريو. تهان پوءِ ٿيوم پسڻ سپرين جو‘ اهو جو ٻڌم تہ منهنجي ذهن جي ڌرتي تي وڏ ڦڙي مينهن وسڪارو لائي ڏنو ۽ اکين جا بند ڪجه پسڻ تي پڄڻ وارا ئي هئا تہ سائين سخي احمد پنهنجي ليڪچر کي پورو ڪري روانو ٿي ويو مان بہ ڪلاس کان ٻاهر نڪري آيس. نئين سفر تي رواني ٿيڻ لاءِ جنهن ۾ هاڻي مان اڪيلو نہ آهيان پر، مون سان منهنجو مرشد، منهنجو سڄڻ ۽ منهنجو ساٿيہ گڏ آهن......

***

## پوپٽ

ٻئي هڪٻئي جا دشمن، هڪٻئي تي بندوقون تاڻيون بيٺا آهن. ٻنهي جون جيتري تائين گوليون هلن ٿي هلن، هڪ رنگين پوپٽ سندن وچ مان گذريو پوپٽ ايترو ته رنگين ۽ خوبصورت هو، جو ٻئي هڪٻئي جا دشمن، ان پوپٽ کي ڏسي حيران ٿي ويا ۽ گوليون هلڻ کان رهجي ويون.

❊❊❊

## ڳورا قدم

سمجهان ٿو.....پنج يا ڇه سال سندس عمر هوندي، تن تي ميرا ڪپڙا پاتل، مٽي ۾ پيرين اگهاڙو......نازڪ ڪلهن تي ٻوري جيڪا ٻه سندس جسامت کان وڏي لڳندي هئي.....روزانو صبح جو آفيس ويڃڻ مهل مون سان شهر جي ڪپڙي مارڪيٽ ۾ ٽڪرندو هو. صبح جو هن ڪپڙي مارڪيٽ ۾ صفائي ٿيندي هئي ۽ هو ٻين ٻارن سان گڏ مونکي اتي نظر ايندو هو. جڏهن ٻه ڪيس صبح جو آفيس ويڃڻ مهل ڏسندو هوس ته هو پنهنجي تيز ۽ روشن اکين سان، ڪپڙي مارڪيٽ ۾ پاٿا، پلاسٽڪ جون ٿيلهيون ۽ پنن کي ڳولهيندي ۽ انهن کي ميڙيندي نظر ايندو هو. انهيءَ ٻار تي ترس کائيندو ڪپڙي مارڪيٽ کان ٽڪڙو ٽڪڙو آفيس طرف روانو ٿي ويندو هوس ۽ هڪ ڏک جي ڪيفيت ٻه ذهن جي وشال اڱڻ تي ٻوڙي ويندي هئي ته هن عمر ۾ ته هن کي اسڪول ۾ هجڻ گهربو هو پر پيٽ جي بک اجهائڻ لاءِ ٻاروتڻ ۾ ئي ڪيس پوڳٽو پئجي رهيو هو.

هڪ واري صبح جو ڏٺم ته ڪپڙي مارڪيٽ جي وچين چوڪ تي صفائي دوران ڪافي پاٿا، پلاسٽڪ جون ٿيلهيون ۽ پنا ڍير جي صورت ۾ پيا هئا. هن ٻار جو اهو ڏٺو ۽ اهو ڍير هن جي ميڙڻ کان ٻه گهٽو هو ته هن هڪ زوردار وات سان سيٽي وڄائي ته موٽ ۾ هن کي ٻه سيٽيءَ ۾ ئي جواب مليو ۽ پوءِ ٻه ٽي ننڍڙا ٻار پنهنجن ڪلهن تي ٻوريون لڙڪائيندا پهچي ويا ۽ جلدي ٻوريون ڪلهن تان لاهي پنهنجن پتڪڙن هٿن سان ٻورين کي پرڻ ۾ لڳي ويا. ان وقت هي ڏاڍا خوش نظر پئي آيا پر هي انهن سيني کان وڌ خوش نظر پئي آيو ڇو ته هن ئي اهو ڍير سيني کان اڳ ۾ ڏٺو هو ۽ کين ئي سيٽي هڻي گهرايو هو. ايترو ڏسندو آفيس لاءِ اڳتي وڌي ويم.

ڪافي ڏينهن ڪان مان آفيس وڃڻ مهل ڪڏهن ان ٻار کي اڪيلو ته ڪڏهن ٻين ٻارن سان گڏ ڏسندو رهندو هوم يا وري ڪڏهن نظر نه ايندو هو ته مونيڊي ڦيرائي ڪپڙي مارڪيٽ جي ٻين گهٽين ۾ به ڳولهڻ شروع ڪندو هوم پر ائين ڇو ڪندو هوم سا ته مونکي اها خبر نه هئي پر ايترو ضرور هو ته صبح جو آفيس وڃڻ مهل ڪپڙي مارڪيٽ ۾ ڪجه دير لاءِ ڏسڻ وارو رشتو هن سان ضرور جڙي چڪو هو شائد ان رشتي جي ڪري...وڌيڪ مان ڪجه به نه پئي چاتم.....

اهو ٻالڪ جنهن جي مون کي ڪابه خبر نه هئي ته اهو ڪير هو نه ئي مون ڪڏهن هن ڪان پڇڻ جي ڪوشش ئي ڪئي پر سندس وڏيون ويڪريون ۽ گهريون اکيون هن جي مڪمل معصوميت جو ثبوت ۽ پرتوو هيون. الائي ڇو اهو ٻالڪ مون کي ٻين ٻارن کان الڳ لڳندو هو.

ڪجه ڏينهن کان هو مون کي ڪپڙي مارڪيٽ ۾ نظر نه آيو پئي، باقي ٻيا ٻار نظر پئي آيا.... هر روز مهنجي اڻ تڻ وڌندي رهي ته اهو ٻالڪ نظر نٿو اچي ۽ ان کي ٻين ٻارن سان گڏ نه ڏسي ذهن ۾ عجيب الڪا، وسوسا ۽ وهم پلجڻ شروع ٿيا هئا ۽ ائين انهيءَ اڻ تڻ واري ڪيفيت ۾ ڪپڙي مارڪيٽ مان نڪري ويندو هوم ته اهو ٻالڪ ڪيڏانهن ويو. اهو سوچيندو هوم ته ٻين ٻارن کان ڪيئن پڇان جنهن جي مون کي نالي جي به خبر نه هئي......ايترو ضرور هو جو اهو ٻار ٻين ٻارن کان نئيڙو ضرور هو. خير اهو ذهن ۾ پڪو په ڪيم ته صبح جو ٻين ٻارن کان پڇندم ته اهو نئيڙو ڪٿي آهي.....يا....چا ٿيو اٿس.......ڇونٿو اچي...... ڪيڏانهن ويو آهي چا.....اهڙا سوال سوچيندو رهيم.....ڪجه به هجي صبح سان پڇي وٺندم.....الائي ڇو ائين پاسندو هو ته ان نئيڙي سان منهنجو ڪو نه ڪو رشتو ضرور آهي پر هن ته مون کي ڪڏهن غور سان ڏٺو به نه هو.....هو ته هميشه پنهنجي تيز اکين سان پنهنجي ڪم جي شين کي ڏسي جاچي پنهنجي وڏي ٻوري ۾ وجهندو ويندو هو ۽ مان اڳتي وڌي ويندو هيس عام واٽوهڙو جو هيم....ڪجه به هجي صبح جو هن جي جاچ ضرور ڪندم.

صبح جو سوير پنهنجي آفيس جي وقت کان ٿورو اڳ ۾ ڪپڙي مارڪيٽ پهتم ته مون کي اهي ٻار نظر نه آيا مون گهڙيءَ تي نظر وڌي آفيس وڃڻ ۾ اڃان ڪجه وقت پيو هو. سوچيم ڇو نه ڪپڙي مارڪيٽ جي ڪجه گهٽين ۾ ڪين ڳولهي وٺان متان ٻئي ڪنهن گهٽي ۾ پاٽا ميڙيندا هجن پر هو ٻئي ڪنهن گهٽي ۾ به مون کي نظر نه آيا......ذهن ۾ سوچيم شائد گهڻو سوير اچي ويو آهيان تنهنڪري هو اڃان پهتا ئي نه آهن ۽ انهن جي انتظار ۾ پوءِ به ڪپڙي مارڪيٽ جي گهٽين ۾ آهستي آهستي پسار ڪرڻ لڳم.

جئين ئي گهٽين مان گهمندو ڪپڙي مارڪيٽ جي وچين چوڪ تي آيم ته اتي پاٿن، پلاسٽڪ جي ٿيلهين ۽ پنن جو ڪافي وڏو ڍير جمع هو پر نه هئا ته اهي ٻار جيڪي خوشي خوشي هن ڍير کي ميڙيندا هئا. ڪپڙي مارڪيٽ جي چوڪ تي ڍير موجود هو پر نه سيتي هيڏانهن وڳي نه وري هوڏانهن ۽ نه ئي ٻار آيا....مان مايوسي منجهان آفيس طرف وڌي ويم.مسلسل ٽي ڏينهن گذري

وچڻ کان پوءِ به ڪپڙي مارڪيٽ ۾ نظر نه آيا.

اڄ صبح جو جئين دستور موجب ڪپڙي مارڪيٽ مان گذري رهيو هوم ته ڪپڙي مارڪيٽ جي وچين چوڪ تي ٻار بيٺا هئا ۽ مون ڏٺو ته اهو ٻار ساڻن اڄ به نه هو بس پوءِ پڇي ويٺم.

”ٻه ٽي ڏينهن توهان سڀئي ظاهر نه هئا خير ته هو ۽ توهان جو ٻيو ننڍڙو دوست به نظر نٿو اچي......اهو ڪٿي آهي....؟“

منهنجي ايتري پڇڻ تي هنن سڀني مون کي حيران ٿي ڪري ڏٺو...انهن مان هڪ چيو.

”ان کي هفتو اڳ ۾ هڪ گاڏي ڳاهي ويئي هئي.....ٽيون ڏينهن مري ويو...اسان جو مائٽ هو ان ڪري اسان به نه آياسي........“

مان هڪو ٻڪو ٿي ويم......پڇيم.

”گاڏي ڳاهي ويس پر ڪئين...؟“

ٻئي ننڍڙي چيو.

”ائين ئي پاڻا ميڙي شام جو دوڪاندار کي ڏيڻ وڃي رهيو هو ته روڊ ڪراس ڪندي گاڏي ڳاهي ويس ڏاڍو زخمي ٿي پيو هو گهر ڪٽي وياسيس ماءُ پٽي ڪيس پر ڪجه ڏينهن کان پوءِ مري ويو...هاڻي ته ماءُ به ڏاڍو ٿي روئيس.....اڪيلي ويچاري صرف ماءُ ۽ پٽ هئا.......“

ايترو چئي ٻار پاڻا ميڙڻ ۾ لڳي ويا ۽ مان ڳورا قدم کڻندو اندر ئي اندر ۾ ڪڙهندو آفيس طرف وڏي وڃان ٿو.

❋❋❋

# نيڻ ٽوڙي پند ٽٽي پيو!

ورهيہ ٿيا هئا جو هي ٻئي زال مڙس اولاد جي نعمت لاءِ واجهائي رهيا هئا, هنن ٻنهي اولاد جي حاصلات لاءِ ڇا ڇا نہ ڪيو هو. اها تہ ڳالهہ ڪو بہ اولاد ئي سمجهي ٿي سگهيو. جتي بہ ٿي ڪين ڪو ڊاڪٽر, ڪو حڪيم ٿي سُجهيو ان تائين رسائي ٿي ڪيائون. پر هر ڀيري نا اميدي نصيب پلئہ پوندي هئن.

”خادم! مونکي لڳي ٿو تون مان ائين سڪڻا ئي مري ڪپي ويندا سين مان تہ هاڻي صفا نا اميديءَ جي ٻنڌڻن ۾ ٻڌجي وئي آهيان..... ڪيڏا حيلا هلايا آهن پر ڪو بہ وارو ڪونہ وريو آهي.... منهنجي هڪ صلاح ضرور اٿي تہ تون ٻئي شادي ڪر, مر متان ڪو سلو ڦٽي پئي ۽ اسان جي اڱڻ خوشيون موجون هڻن.......!!“

خادم جيڪو پنهنجي زال زينب سان بيحد محبت ڪندو ئي هو پر محبت سان گڏ عزت بہ...... وينو هو پنهنجي خيالن ۾ ۽ پڇاپائين پئي ڪي پور..... پنهنجي جوءِ جو اهڙو جو ڪلمو ٻڌائين تہ هيڪر ذهن تي ڪاوڙ تري آيس جيڪا سندس نرڙ تي جابجا ٻکي رهي هئي. جوڻس زينب ڪيس گهور ڪري منهن تي نظر جو وڌي تہ وري چوڻ لڳي.

”خادم! الله سون مان دل سان ٿي چوانءِ, ڇا اسان کي ٻچڙي جي ضرورت نہ آهي اهڙي سڪ جو سوداءُ تنهنجو ماءُ پيءُ بہ اندر ۾ سانڍي راهہ رباني وٺي ويا...... ڇا اسان ٻئي بہ ائين نپٽا مري وڃون؟ تنهنجي پيڙهي تنهنجي وئي ڪان پوءِ ختم ٿي وڃي..... اهو ڪو چڱو چئبو ڇا.......؟؟“

خادم ڪجهہ ڪڇيو ڪين پر جوءِ جي پوئين ڳالهہ ڪجهہ مٿس اثر ضرور ڪيو هو. خادم پنهنجي جوءِ کي ڪابہ ورندي ڪانہ ڏني, پر اندر ۾ دونهي دکڻ ضرور شروع ٿي هئس. خادم زينب تي پهاج آٽڻ نٿي گهريو زينب تي پهاج آٽڻ تي بار بار ٿي سوچيائين, جيڪو ڪنهن بہ ريت ڪيس سنو نٿي لڳو..... هيڏانهن سندس زال زينب هئي تہ هوڏانهن پنهنجي پيڙهي کي زندهہ رکڻ لاءِ هن کي اُلڪو بہ ضرور هو. هي انهيءَ بہ واتي تي بيٺو هو. پر هڪ ٻئي ڀيري جو زينب اهڙي ڳالهہ ساڻس ڪئي تہ ڪيس خادم بہ چئي ڏنو.

”ٻڌ زينب! مون کي ٻچڙو تومان ڪپي مان ٻئي شادي نہ ڪندم.......“

”پر خادم! منهنجي ڳالهہ تہ ٻڌ.....!“

”بس مون کي جيڪو چوڻو هو توکي چئي ڇڏيم...... مان ٻني تي هلان ٿو.....“

ايترو چئي خادم ڪوڏر ڪڇي ٻني تي هليو ويو. هونئن تہ خادم طبعيت ۾ ايتري ڪاوڙ ڪڏهن بہ ڪونہ ڏيکاري هئس پر زينب جي ٻئي شادي جي ضد ڪيس جڻ تہ پنهنجو فيصلو ٻڌائڻ تي مجبور

ڪيو هو. خادم جي جملي زينب کي بہ سمجهائي ڇڏيو هو تہ خادم مرندي مري ويندو پر ٻئي شادي اصل نہ ڪندو. بس پوءِ زينب بہ پنهنجي زبان تي ماٺ ئي اختيار ڪئي. اهڙي طرح وقت گذرندو رهيو وري زينب ٻئي شادي جي ڳاله پنهنجي زبان تي اصل نہ آندي متان خادم ناراض نہ ٿي وڃي.

ڪجه ورهين کان پوءِ هنن جي ڳوٺ جي اسپتال ۾ هڪ نئون ڊاڪٽر بدلي ٿي آيو جنهن سان ملي خادم اولاد نہ ٿيڻ جو ذڪر ڪيو. جنهن تي ڊاڪٽر ٻنهي زال مڙس جون ڪجه ضروري ٽيسٽون ڪرايون ۽ علاج شروع ڪيو ۽ اهڙي طرح سندن مراد پوري ٿي. نئون ڊاڪٽر سندن لاءِ فرشتو ثابت ٿيو هو ۽ کين گلن جهڙو ننڍڙو ڄائو. سندن خوشي جي انتها نہ هئي. ايترن ورهين کان سڪي سڪي جو ننڍڙو ڄائو هئن خوشيءَ مان ننڍڙي تي پيو پيار ايندو هئن. ننڍڙي تي ڪجه تہ ڇا پر ڪک بہ نہ سهندا هئا. خادم ننڍڙي جو نالو دريا خان رکيو هو.

ڪافي سالن کان سموري سنڌ ۾ پاڻي جي بيحد کوٽ هئي. دريا بادشاهہ ۾ رڳو واري اڏامي رهي هئي. ساڃاهہ وند ماڻهن ڪيترائي احتجاج ڪيا پر وريو ڪجه ڪين. سنڌ جي ماڻهن چاهيو تہ دريا بادشاهہ پنهنجي پراڻي اوج ۾ وهندو رهي پر سندن اها خواهش صرف خواهش ئي رهي. پر موٽ ۾ کين ٿوري ٿڪي ملندڙ پاڻي کي روڪڻ جا بہ ڪيترا ئي هيلا هلايا ويا تہ پاڻي سمنڊ ۾ ضايع پيو ٿي، ان کي ڪنهن بہ طرح ضايع ٿيڻ نہ ڏجي ڪو وڏو ڊيم ٺاهجي. سنڌ واسي جن جو پنهنجي سنڌو دريا ۾ ساهہ آهي، جيڪي سنڌو دريا بادشاهہ جا صدين کان حقيقي وارث آهن، انهن هر هر اهڙي عمل کي ٻئي رد ڪيو. اهڙن احتجاجن ۾ خادم پنهنجي ڳوٺ جي ماڻهن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي اڳين صف ۾ شامل هو. ڇو تہ پاڻي نہ هجڻ ڪري سموري سنڌ جي زمينن سان گڏ سندن سموري ڳوٺ جون زمينون بہ متاثر ٿي رهيون هيون.

”خادم! توهان جي هٿتاڙن (هڙتالن) سان ڪجه ورندو بہ يا گرمي ۾ پگهر وهائي ٿا موٽي اچو.....“

سندس جوڙس زينب احتجاج تان موٽندڙ خادم کان پڇيو.

”ٻڌ زينب! ڇو ڪجه ڪونہ ورندو مٿي پاڻي روڪيو وينا آهن، اسان کهڙو ڏوهہ ڪيو آهي..... پڇڙي وارن جو تہ حق وڌيڪ هوندو آهي.... ڏسجانءِ هڪ ڏينهن اهڙو ايندو جنهن ڏينهن اسان جو سنڌو دريا بادشاهہ ساڳئي طرح وهندو ۽ ان ڏينهن توکي مان پلو کارائيندم.....!“

”اڙي ها جائي دريا خان جا پيءُ! ورهيہ ٿيا آهن تہ پلو ڪونہ کاڌو آهي..... تنهنجي صرف ڳاله ڪرڻ سان وات ۾ پلي جو ساڳيو سواد اچي ويو آهي........“

ٻئي زال مڙس هڪٻئي کي ڏسي ٿڌو ساهہ ڀرين ٿا ۽ آس ڪن ٿا تہ شل سنڌو پنهنجي موج ۽ مستي ۾ ورِي وهي پئي تہ وارا نيارا ٿي وڃن.

سنڌو دريا کي بچائڻ لاءِ ان جو هڪ ڏيهن ملهائڻ لاءِ ۽ ان جي باري ۾ دنيا کي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ ڳوٺ ۾ هڪ گڏجاڻي ٿي، ان ۾ خادم وارن سان گڏ ڳوٺ جي ڪافي ڳوٺاڻن شرڪت ڪئي. گڏجاڻي ۾ هڪ

ساڃاهه وند ڳالهائيندي چيو.

”جيئن تہ ساٿيو! سنڌي ماڻهو جيڪي موهن دڙي جي شاهوڪار تهذيب جا وارث آهن. جيڪي پنهنجي هڪ ڌار سيبتي طبعيت رکن ٿا. جن پنهنجي پنج هزار سال پراڻي تهذيب کي سانڍي رکيو آهي. اهي سنڌو دريا بادشاهه جي موجن لاءِ ڪجهه بہ ڪري ٿا سگهن. اسان اخلاقي طور دنيا کي آگاهه ڪرڻ لاءِ سنڌو دريا بادشاهه جو ڏينهن ملهائڻ جو سوچيو آهي. جيئن دنيا کي ٻڌائي سگهجي تہ اسان جي سنڌو دريا کي هٿ سان سنگهر وجهي جڪڙڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي پئي وڃي. جيڪا فطرت جي بہ خلاف آهي. دريا بادشاهه جو مخصوص پاڻي سمنڊ ۾ نہ ڇڏيو ويو تہ ان جا هاڃيڪار نتيجا نڪري سگهن ٿا ۽ نڪري بہ رهيا آهن. ان جو وڏي ۾ وڏو مثال اهو بہ ڏئي سگهجي ٿو تہ سنڌ ڌرتي جو ڪافي زميني حصو سمنڊ ڳڙڪائي ويو آهي. تنهڪري سنڌو دريا کي فطري طور تي قائم رکڻ ۾ ئي سيني جو ڀلو آهي. باقي اها انهن ماڻهن جي ڀُل آهي تہ اسان ان کي ڊيمن ذريعي روڪي ڪم آڻيندا سي، پر ان سان توهان سموري قدرتي سونهن کي ميسارڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيو. دنيا ۾ ڊيمن کي رد ڪيو ويو آهي جيڪي ماحول کي خراب ڪري رهيا آهن. سو اڄ تہ پنهنجي دريا بادشاهه جي فطري وهڪري لاءِ گڏ ٿيون ۽ ان جي بچاءَ لاءِ، ان جي واري هاڻي پيٽ ۾ گل هاري سنڌريل قوم هجڻ جو ثبوت ڏيون ۽ انهن ماڻهن کي ٻڌايون تہ اسان ڪڏهن بہ دريا بادشاهه کي روڪڻ نہ ڏينداسون“

ان گڏجاڻي ۾ ڳوناڻن پنهنجي ڀرپور شرڪت جو يقين ڏياريو ۽ سيني کي لڳو تہ هاڻي سنڌو دريا پنهنجي ساڳئي موج مستي ۾ ضرور ايندو.

”دريا خان جا پيءُ! اڄ خير تہ هو ڇا تي توهان مڙد گڏ ٿيا هئا..... ڇوِن ٿا تہ ٻئي شهر جا مڙسالون (ماڻهو) بہ آيا ها.“

زينب خادم کان گهر اچڻ تي پڇيو. خادم کٽ تي ويهندي زينب کي ٻڌايو تہ:

”ها آيا هئا. پاڻ ۾ صلاح مصلحت پئي ڪئي سي تہ دريا بادشاهه ۾ پاڻي اچڻ لاءِ ڪجهه نہ ڪجهه ڪجي......“

”پوءِ ڇا ڪندئو.....؟“

”اسان سنڌو دريا بادشاهه جي پيٽ ۾ وڃي اتي دنيا کي اهو ٻڌائينداسي تہ دريا بادشاهه کي هٿ سان وهڻ نٿو ڏنو وڃي جيڪا سڌي سنئين نا انصافي آهي.....“

آخر سنڌو دريا ۾ پاڻي وهڻ لاءِ جاڳرتا جو هڪ ڏينهن ملهائڻ لاءِ سمورا ڌرتي ڌڻي هر ڪوئي پنهنجي تر ۾ سنڌو دريا جي واري هاڻي پيٽ ۾ لهي پيو. دريا بادشاهه کي گلن جي ورڪا ڏيڻ سان گڏ دعائون بہ گهريون ويون ۽ ان عزم جو اظهار ڪيو ويو تہ جي فطرت کي بچائڻو آهي تہ سنڌو دريا کي وهائيندا رهو ان تي ڪو بہ ڊيم نہ ٻڌو. هر ماڻهو جي هٿ ۾ گل هئا جيڪي سنڌو جي نظر ڪيا پئي

ويا مڙد عورتون تہ چا پر ننڍڙا ٻار بہ اڳ ۾ هئا. خادم پنهنجي زال زينب ۽ ننڍڙي دريا خان کي بہ دريا بادشاه تي وٺي آيو هو. جنهن پنهنجي پٽڪڙن هٿن سان دريا بادشاه جي نظر، گلن جون پتڙيون ڪيون. اهو ڏسي خادم جي اکين ۾ ڳوڙها پرجي آيا ۽ پوءِ هر اک آلي هئي. سيني اهو پئي چاهيو تہ دريا بادشاه پنهنجي موج مستي ۾ اچي وري وهي ۽ سندس ٻئي ڪنارا سيراب ٿين ۽ سندس ماڻهن جي منهن تي خوشي موٽي اچي، جيڪي سالن کان پاڻي لاءِ اُڪير ڪيو وينا آهن.

هن ڀيري الائي بہ ڇو سيني جي دل ٻولي ويٺي هئي تہ دريا بادشاه ۾ موج مستي ضرور ايندي. پوءِ هر ڪنهن ڏٺو تہ دريا بادشاه واقعي بہ پنهنجي پراڻي موج مستي ۾ اچي ويو ۽ هر اک اهو منظر ڏسڻ لاءِ دريا بادشاه تي آيل آهي. ان وقت جي ڪنهن بہ اک ۾ پاڻي هو تہ اهو رڳو خوشي جو پاڻي هو. ڪنهن کي بہ يقين نٿي آيو تہ ايترو پاڻي ايندو. هن ڀيري لڳي ٿو تہ پاڻي گهٽ هجڻ ڪري ڪا بہ وارا بندي نہ ٿيندي. هر سانگي جي مک تي مرڪ هئي. هر ڪنهن هاري هر سنڀاريو ۽ فصل لاءِ زمينن کي ناهڻ لڳو. خادم بہ پنهنجي راهڪي واري زمين کي ناهڻ ۾ لڳو پيو هو. زينب، دريا خان کي ساڻ ڪري وٽس منجهند جي ماني ڪارائڻ لاءِ ٻني تي آئي. خادم زمين جي وچ ۾ بيٺو هر هلائي رهيو هو. زينب ٻني تي هڪ وڻ جي ڇانو ۾ دريا خان کي ويهاري ماني رکي خادم کي رڙ ڪيائين.

” او دريا خان جا پيءُ! اچ ماني کٽي آيا آهيون اچي کاءُ......“

” آيو اجهو هي چڪر ڏئي وٺان.....“

دريا خان جيڪو پيءُ کي ڏسي رهيو هو. اهو اٿي پنهنجي پيءُ خادم ڏي ڀڄندو ويو.

”ابو مون کي هر ڏي تہ مان هلايان.....!“

”اڙي نہ بابا دريا خان! اجان تون ننڍڙو آهين. ها تون وڏو ٿيءُ پوءِ هر هلائجانءِ تون نہ هلائيندي تہ ٻيو ڪير هلائيندو. ها تون اچ ڏاند تي چڙهي ويہ .....“

خادم ٻني کي چڪر ڏئي دريا خان سان گڏ ڏاندن کي وڻ سان ٻڌي پوءِ ٻئي زينب ڏي آيا ۽ گڏجي ماني کائڻ لڳا.

رات تي سڀ ڳوٺ وارا ڪنا ٿيا تہ اتي ڳوٺ جي ماستر محمد پريل ڳاله ڪئي تہ:

”ادا! دريا بادشاه ۾ پاڻي جو اچڻ اسان سيني لاءِ خوشي جي ڳاله آهي پر هڪ ڳڻتي جي ڳاله هي بہ آهي تہ چون ٿا ڏينهون ڏينهن دريا بادشاه ۾ پاڻي ۾ چاڙهہ آهي سو ٻوڏ اچڻ جو خطرو ٿي پيو آهي.“

ماستر محمد پريل جي ڳاله سيني جي منهن تي فڪر مندي جون ريکائون آڻي ڇڏيون. خادم جو اهو ڏٺو تہ چوڻ لڳو.

”خير آهي الله سائين سڻائي ڪندو اها ڳاله، ڳاله ئي رهجي ويندي.“

ماستر محمد پريل چيو تہ:

”ادو خادم سهي ٿو چوي الله سائين خير ڪندو هونئن بہ اسان جي ڳوٺ ۾ ڪڏهن بہ ٻوڏ ٿورئي

آئي آهي. انگريزن جي دور ڪان وٺي جيڪي ٻه ٻوڏون آيو آهن ته ٻه ضرورت پوڻ تي علي واهڻ بند کي ٽوڙي پاٽي کي اوڏانهن ڪڍيو ويندو آهي ڇو ته اوڏانهن ٿر آهي ان ڪري هميشه نقصان نه هجڻ برابر ٿيندو آهي."

ڳوٺ جي پوڙهي ڪريم بخش ٻه چيو ته:

"ماستر سهي ٿو چوي ڇهاتر واري ٻوڏ ڀيري پٽي صاحب علي واهڻ بند کي ٽوڙايو هو. منهنجو مرحيات پيءُ ڪيس الله سائين جنت نصيب ڪري، اهو ٻه چوندو هو ته انگريزن جي دور ۾ ٻائيتاليهن ۾ وڏي ٻوڏ آئي هئي. انهن مان انگريزن گهڻو ڪجھ سکيو هو ۽ اهي ئي ڇئي ويا آهن ته ڪڏهن ٻه ٻوڏ اچي ته علي واهڻ بند کي ٽوڙڻ گهرجي ته گهٽ نقصان ٿيندو....."

بهرحال ماستر محمد پريل جي ٻوڏ واري ڳاله ڳوناٽن کي پريشان ضرور ڪيو هو. اها ڳاله ذهن ۾ رکي هرڪو پنهنجي پنهنجي گهرن ڏانهن هليو ويو.

ڪجھ ڏينهن مس گذريا ته ٻوڏ واري ڳاله ۾ ويتر واڌارو ٿيندو ويو ته دريا ۾ وڏو چاڙھ ايندو پيو وڃي. آخر اها خبر ٻه اچي پهتي ته پنجاب ۾ ٻوڏ اچي وئي آهي، جيڪا ڪجھ ئي ڏينهن منجھ سنڌ ۾ داخل ٿي ويندي. ڳوٺ وارا الله سائين کي ٻاڏائڻ لڳا ته سائين پنهنجي امان ۾ رکجانءِ. زينب خادم کي چيو ته:

"دريا خان جا پيءُ! اها ٻوڏ اسان وٽ ته نه ايندي نه......؟!!!"

"نه......نه اسان وٽ اڳ ڪڏهن ٻه نه آئي آهي. الله سائين مڙئي خير ئي ڪندو سموري سنڌ جو.... تون ڪو اُلڪو نه ڪر...... سڀ سٺائي ئي ٿيندي..."

رات جو سيئي ڳوٺ وارا اوطاق تي گڏيا ته ماستر محمد پريل جيڪو ڪانپ ڪڍيون ويٺو هو تنهن چيو ته:

"ادا! ٻڌڻ ۾ اهو ٿو اچي ته هن ڀيري وڏي ٻوڏ پئي اچي.... پختونخواھ ۽ پنجاب ۾ ڪافي ڳوٺ ٻڏي ويا آهن. ڏاڍو خطرو وڌي ويو آهي. خير اسان وٽ پاٽي صفا وڌي ٻه ويو ته علي واهڻ بند کي ٽوڙي پاٽي کي اوڏانهن ڇڏيو ويندو۽ سمورن بندن جي نگراني هلي پئي. "

سيئي ڳوناٽا ماستر محمد پريل کي خاموشي سان ٻڌي رهيا هئا. خادم چيو ته:

"ادا ماستر! اسان جي ڳوٺ کي ڪو خطرو ته نه آهي نه....؟"

"نه.... نه..... ٽوڙي بند ٽٽندو ئي نه ته پوءِ اسان کي ڇا جو خطرو آهي.... بس توهان سموري سنڌ لاءِ دعا ڪيو......!"

ٻ صبح جو ڳوٺ ۾ اهو علان ٿيڻ لڳو ته:

"اهم علان جئين ته توهان سيني کي خبر آهي ته ٻوڏ جو خطرو وڌي ويو آهي تنهنڪري توهان سمورن ڳوٺ وارن کي صلاح ٿي ڏجي ته مهرباني ڪري وڏا، ننڍا، پوڙها ۽ عورتون پنهنجي ضروري

سامان سان گڏ چوپايو مال ڪاهي محفوظ هنڌن ڏانهن هليا وڃو. وقت تمام گهٽ آهي سو جيترو جلدي ٿي سگهي نڪري وڃو. “

ڳوٺ وارن جو اهو اعلان ٻڌو ته حيران ۽ پريشان ٿي ويا. ڳوٺ جا سمورا ماڻهو اوطاق تي گڏ ٿي ويا.

” ادا ماستر! هاڻي ڇا ڪجي......!“

”ادا مان پنهنجي موبائل تي جاچ ڪيان ٿو توهان گهبرايو نه منهنجو هڪڙو صحافي دوست آهي ان کان ٿو پڇان ته صحيح صورتحال ڇا آهي.“

ماستر محمد پريل پنهنجي دوست صحافي جو نمبر ملايو ۽ پاسو ڪري ان سان حال احوال ڪيو. سيئي ڳوٺ وارا ماستر کي ڏسي رهيا هئا جيڪو صرف جي..... جي.... جي.... ڪري رهيو هو ۽ ماستر جي منهن تي هر لفظ کان پوءِ پريشاني صاف نظر اچي رهي هئي. ماستر جيئن ئي موبائل تي ڳالهائي بند ڪئي ته ماستر ڳوٺ وارن کي چيو ته:

”ادا! ڳوٺ خالي ڪيو ظالمن ٽوڙي بند کي هٿ سان ٽوڙي وڌو آهي ۽ پاڻي تيزي سان ڪاهيندو هيڏانهن پيو اچي پر هڪ دريا جي صورت ۾ سو وارو ڪيو نڪري پئو ۽ بچايو سر پنهنجا“

ماستر جو اهو چيو سيئي ڳوٺاڻا پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن پڇڻ لڳا ته خادم ڳالهايو.

”ادا! بيهو بيهو ادا پنهنجي ڳوٺ کي بچائڻ جو ڪو ته طريقو هوندو همت نه هاريو!“

وري ماستر محمد پريل کي چوڻ لڳو.

”ڪيئن ادا ماستر! تنهنجو ڇا خيال آهي؟“

”ادا خادم! پاڻي تمام وڏو آهي جيڪو دريا جي صورت ۾ ڪاهيندو پيو اچي اسان ان کي ڪيئن روڪي سگهندا سي اهو ممڪن ئي نه آهي وارو ڪيو نڪرو.“

بس پوءِ هر ڪنهن پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن ڊوڙ پيري پر خادم صفا اباڻڪو ٿي ويو ته هي ڇا ٿي ويو.

”ادا ماستر! هي ڇا ٿي ويو ائين ڇو ڪيائون ٽوڙي بند ڇو ٽوڙيائون اهو ته سڌو سنئون ظلم آهي.....!“

”ادا خادم! ڇا ڪجي جيئن سرڪار جي مرضي. ٻيلي وارو ڪر وڃي پنهنجا ٻار ۽ مال ڪڍ وقت نه وڃاءِ....“

سموري ڳوٺ ۾ افراتفري هئي هر ڪو ضروري سامان سان گڏ ٻار ۽ پنهنجو مال ڪڍڻ ۾ لڳو پيو هو. ڪٿي بيل گاڏي، ڪٿي ٽريڪٽر ته ڪٿي موٽر سائيڪل تي ٻار بچائڻ لاءِ ڳوٺ مان نڪري رهيا هئا مطلب ته هر پاسي وٺ وٺان لڳي پئي هئي.

خادم جيئن ئي گهر ۾ گهريو ته جوٽس پڇيو.

”دريا خان جا پيءُ! هي سڀ ڇا ٿي ويو. هاڻي ڇا ڪيون....؟“

”بس زينب! هٿ جي وڍي جو نہ ويڄ نہ طبيب!“

”ڇا مطلب...؟“

”اسان جي پاسي واري ٽوڙي بند کي ظالمن هٿ سان ٽوڙي ڇڏيو آهي. هاڻي اسان جو ڳوٺ نہ بچندو. دريا خان کي سنڀار ڪجھ ضروري سامان ڪڻ مان بيل گاڏي ڏڪائي ٿو وٺان هاڻ ٻئي ڪا بہ واھ نہ آهي نڪرڻو ئي پوندو....“

ايترو چئي خادم بس ڪئي تہ سندس اکيون روئڻ لڳيون...... ۽ وري چوڻ لڳو.

”زينب! هيترن سالن کان پوءِ پاڻي آيو تہ خوشي ملي هئي پر هاڻي تہ ابا ڏاڏا ڪک بہ ڇڏڻا ٿا پون هاڻي تہ هي ڳوٺ رهندو ئي نہ. ادو ماستر چوي ٿو تہ هن پاسي هڪ دريا ٿو اچي.....“

زينب بہ پنهنجن ڳوڙهن کي روڪي نہ سگهي. ٻنهي کي روئيندو ڏسي دريا خان پڇيو.

”ابو! توهان ڇو ٿا روئو.....؟“

”ٻنهي کيس پاڪر ۾ پري ورتو ائين روئيندا ئي رهيا.......

”زينب! وارو ڪر وقت نہ وڃاءِ..... هل تہ نڪرون.....“

”پر ڪاڏي هلندين.....؟“

”هتان تہ نڪرون ڪنهن مٿانهين تي ٿا هلون ٻيا ڳوٺ وارا بہ نڪرن ٿا. مڙئي سڻائي ئي ٿيندي، مارڻ واري کان بچائڻ وارو وڏو آهي.“

ائين پوءِ خادم ۽ زينب پنهنجي ننڍڙي دريا خان سان گڏ ٻين ڳوٺ وارن وانگر پنهنجي گهرڙي کي ڏسندا بيل گاڏي تي چڙهي نڪري پيا. هر طرف دل کي جهوڙيو ڏيندڙ منظر هو خادم پنهنجي حياتي ۾ ڦهريون پيرو ڏسي رهيو هو. هر طرف ماڻهو پريشان نظر ٿي آيا. سيئي ڳوٺاڻا ائين ٻي گهر ٿيا هئا ڄڻ ٻي وطن ٿي ڪنهن ٻئي وطن ويندا هجن. سندن اکيون حيرت جون غفائون ٿي پاسيون. رستي ۾ هلندي اوچتو خبر پئي تہ اڳيان رستي تي پاڻي اچي ويو آهي هتان موٽو ٻئي رستي سان هلو هن پاسي پاڻي تيزي سان مٿي پيو چڙهي وري سيني پنهنجو رخ ٻئي رستي ڏانهن مٽايو ۽ وري هلڻ شروع ڪيائون رستي ۾ خادم کي ماستر محمد پريل نظر اچي ويو.

”ادا ماستر! اچ منهنجي بيل گاڏي ۾ ويھ....“

”نہ ادا مان گهمندو هلان ٿو ائين سيني جو واءُ سواءُ لهندو هلان پيو بس نڪرندا هلو تہ ڪنهن مٿانهين هنڌ تي پهچون....“

وري ماستر رڙ ڪري ٻين کي بہ چيو.

”ادا! همت ڪيو جلد نڪرڻ جي ڪيو ڏسو نٿا پاڻي پهچي ويو آهي. هنن ظالمن اسان کي تہ ٻڏايو ئي ان وقت آهي جڏهن ٻوڏ سر تي اچي ويئي آهي..... هلو ادا هلو..... ڪاهيندا هلو.....“

شام جي وقت هي سيئي ڳوٺاڻا هڪ مٿانهين هنڌ تي پهتا، پر هنن جي پهچڻ کان ٿورو پوءِ ڳوٺاڻن ڏٺو ته پاڻي سندن ڳوٺ مٿان گذري رهيو هو. اهو ڏسي هر ڳوٺاڻي جي اک آلي هئي. هي سيئي انهي ڳوٺ ۾ ڄاوا هئا سندن سڀ ڪجه ڳوٺ ئي ته هو جيڪو هنن جي اکين آڏو ڏرتي تان ميسارجي رهيو هو. پاڻي گجگوڙ ڪندو تيزي سان وڌي ۽ هلي رهيو هو. اهو منظر سيني کي ڏڪائي رهيو هو. ٻارن ۾ ڪيهون هيون مائرون پريشان هيون ته ڳوٺ کي ڏسن يا هنن کي معصومن کي ٿڃ ڏين.

خادم پنهنجي ننڊڙي پٽ دريا خان کي هنج تي کنيو بيٺو هو. زينب سندس پر سان بيٺل هئي ۽ پنهنجي ڳوٺ کي ڳٽتي مان ڏسي رهيا هئا ۽ سندن اکين جا الاءِ ڪيترائي ٽوڙي بند سندن اکين ۾ ٽٽي چڪا هئا. خادم کي خبر ئي نه پئي ته پاڻي تيزي سان سندس پيرن ۾ اچي چڪو هو. اوچتو سندس پير ترڪي پيو ۽ دريا خان سان گڏ پاڻي ۾ ڪري پيو پاڻي ايترو ته تيز هو جو ڪنهن کي به همت نه ٿي ته ڪو کين بچائي ائين هو سيني جي سامهون لڙهندا ويا. زينب جون ته وايون ئي بتال ٿي ويون، زور سان رڙيون ڪندي رهي.

”بچايو ڙي ادا بچايو منهنجي گهوٽ کي ۽ منهنجي جگر کي بچايو......“

بس ڏسندي ئي ڏسندي خادم ۽ دريا خان نظرن کان اوجهل ٿي ويا..... ۽ پوءِ ٽيئن ڏينهن تي ٻنهي جا لاش هڪ وڻ ۾ ڦاٿل مليا ۽ زينب پنهنجا هوش وڃائي ويٺي هئي......

❊❊❊

# جهڙ نيڻڻون نہ لهي

”ميران! مان جنمن کان پياسو آهيان ڪاب اهڙي مڌ نہ آهي، جيڪا منهنجي اڄ اجهائي سگهي..........!!!“

پنهنجي چپن ڪي پنهنجي زبان سان آلو ڪيم ۽ وري چيم.

”سڪ تہ سرير ۾ آهي پر جنهن لاءِ آهي، بس ان لاءِ سوچي سوچي اداسي نيڻن ۾ لهي ايندي اٿم ۽ اکين جي وشال آڪاش تي الائي ڪيتان آگم پرجي ايندا آهن ۽ اڇي وڏ ڦڙو وسائيندا آهن.....۽ امالڪ پاڻ کي سنياٽي وٺندو آهيان.....تہ جوڳي ٻيلي ائين نہ ڪر.....آخر تنهنجو هن سان سڀنڌ بہ ڪهڙو......جهڙو ڪو ديواني جو خواب......هن تہ ڪڏهن بہ توکي پنهنجو نہ ڪيو. ان باوجود اها ڪهڙي تانگه آهي، جيڪا توکي وڻ ويڙهي جيان وڪوڙيون ويٺي آهي...... !!؟“

ايترو چئي پنهنجون اکيون بند جو ڪيم تہ بہ ڪوسا لڙڪ ڳلن تان ٻاهر ۽ پوءِ ڳاڙها ٽانڊا ٿيندا اڇي چپن جي ڪنارن سان ٽڪرائجي وڃن ٿا. ميران جيڪا من ئي من ۾ ملول ٿي لڳي ۽ اهو جو ڏنائين تہ مون کي ڪٽي پنهنجي ڳلي سان لاتائين تہ پوءِ ”آگم ڪيو اڇن، سڄڻ ساوڻ مينهن جئن.......!“

”جوڳي! اڄ توکي ڇا ٿيو آهي.....؟ هي تنهنجي من ۾ متل مانڌاڻ ڇا جي ڪري جوڳي!؟“

ميران ايترو چوندي مونکي پنهنجي ياڪر جي پيڪڙ مان ٻاهر نہ ڪڍيو شائد ان ڪري بہ تہ ڪٿي ڪنهن ٻار جيان مان وڃائجي نہ وڃان. ميران جي ياڪر آسيس تہ ضرور ڏني پر نيڻن جا نيسارا وهي ڇڙيا......ميران جيڪا پنهنجي طبيعت ۾ ٻاجهاري آهي مون کان پڇيو.

” جوڳي! مان ڪير ٿيندي آهيان، توکان پڇڻ واري، پر هڪ دوست جي حيثيت ۾ پڇان ٿي تہ اڄ تنهنجي من ۾ ڪهڙو آتش فشان ڦاٽو آهي....جيڪو توکي سموري جو سمورو ڏڪائي ويو آهي...!؟“

مان جيڪو ميران جي ٻانهن جي آسيس ۾ هيس دل ڇيو جوڳي! تون روئيندو رهہ ۽ ميران توکي پرچائيندي رهي پر مان تہ صدين جو سودائي آهيان ۽ سودائن جون سموريون نانگڙيون منهنجي سوداءَ مان ڦٽي نڪتيون آهن ائين نہ ٿي جو ميران جي وجود کي بہ ڏنگي وڃهن ۽ مون پاڻ کي پاڻ ئي ميران جي ياڪر جي آسيس مان ڪڍيو جئين ڪو پکي پنهنجي آکيري مان پڙڪو کائي اڏامي ويندو آهي. ميران چيم تہ.

”ڇو جوڳي! اسان هڪ ٻئي جي منزل تہ نہ آهيون پر هڪٻئي لاءِ لاٽ تہ ضرور ٿي سگهون ٿا جي تون مون تي ڀروسو ڪرين تہ......!“

”نہ....نہ....ميران! منهنجو توتي ڀروسو ايترو آهي جيترو پاڻ تي بہ نہ هوندو مونکي......!“

اکين تان لڙي آيل ڳوڙهن کي اگهندي چيم.

” جوڳي! تنهنجي اندر جي آنڊ مانڊ اهو سنهيو ضرور ڏي ٿي تہ ماضي جون ڪي وارتائون آهن جن تنهنجو اڄ در جهليو آهي نہ تہ پاڻ بہ ڪافي مهينن کان هن اداري ۾ گڏجي ڪم ڪيون پيا تو تہ ڪڏهن بہ اهڙي ڪا بہ ڳاله مون سان ونڊي ڪونہ آهي..... تہ پوءِ ڇا ڳاله آهي جوڳي!؟“

ميران ايترو چئي مون کي واجهائڻ لڳي الائي ڇو ميران جي ان واجهائڻ مون کي صفا موهي وڌو مون ميران کي چيو.

” ميران! تون صحيح ٿي چئين ماضي منهنجا چاڪ چڪائي وڌا آهن..... پر اها بہ ڪا سٺي ڳاله ٿورئي آهي، جو پنهنجن چاڪن کي هر ڪنهن جي اڳيان وينو چاڪ ڪجي....هر ڪوئي مسيحا ٿورئي هوندو آهي...... تنهنڪري اندر جي آڳ اندر ۾ ئي پلي......پر تواڳيان کولي توکي بہ ڏکيو نٿو ڪرڻ چاهيان. اها منهنجي من جي آوارگي آهي جيڪا هاڻي منهنجي من سان اهڙو تہ سنجوڳ ڪري ويٺي آهي، جو اهي ٻئي هڪٻئي سان هري مري ويا آهن.....ها باقي جڏهن بہ ماضيءَ جي دردن راند رهي آهي تہ اکين جي وشالتا آڳم جي صورت وٺي ”پلر جي پالوٹ“ ٿيندي اٿم ۽ پوءِ سڀ ڪجه سهي ويندو آهيان.....ميران تون منهنجي ڪري ايڏي ملول نہ ٿي سڀ ڪجه صحيح ٿي ويندو...... “

پنهنجو پاڻ کي سنڀالي بہ رهيو هوم تہ ميران کي اهو سڀ ڪجه چوندو بہ رهيم ان تي ميران چڻ تہ دکي بہ لڳم پر چيائين.

”جوڳي! ها اها حقيقت ضرور آهي تہ هر ڪوئي مسيحا نٿو ٿي سگهي پر ڪنهن تي اعتبار تہ ڪري سگهجي ٿو جيڪو سمجهي بہ سگهي ۽ ياڳي ياڻيوار بہ ٿي سگهي.....۽ ها تو تہ اهو ”پلر جي پالوٹ“ وارو سٺو فن سکي ورتو آهي پر جيڪي اڻين نہ ڪندا هوندا اهي تہ وڏيڪ عذاب ۾ هوندا نہ......!!!“

ميران جو چيل جملو هن جي گهري سوچ جي عڪاسي ڪري رهيو هو پر مون کي ائين لڳو ميران چڻ منهنجي شخصيت ۾ منهنجي ڪمزوري پڪڙي ورتي هجي ڪيس چيم.

”ميران! بس منهنجي اندر جي هڪ پنهنجي ڪائنات آهي جنهن ۾ مان آهيان ۽ مون کي مليل ڏک ۽ دوکا آهن ۽ ڪڏهن بہ نہ چاهيو اٿم تہ ڪين ڪنهن سان بہ سليان.... آخر ڪوبہ منهنجي ڪري ڇو حيران ۽ پريشان رهي......!!!“

ميران ٽڪ ٻڌي مون کي نهاري رهي هئي تہ مون وري ڪيس چيم.

”۽ اها ڪا چڱي ڳاله تہ نہ چئبي نہ ميران!!“

ميرا هڪ گرم ساه ڪڍي چيو.

” جوڳي! هر ماڻهو جي پنهنجي پنهنجي ڪائنات تہ ضرور هجي ٿي پر ان ۾ ٻئي جي داخلا تي پابندي جو سائن بورڊ لڳائڻ، مون کي ائين لڳندو آهي تہ پنهنجي ئي ڪائنات کي ڪنهن سنڌ جي

وڏيري جي ڳوٺ وانگر ڪري ڇڏڻ، جتي هر احساس جي پيل ڪبي آهي.........!“

مون کي لڳو ته ميران جي اندر واچوڙو ڦيرا ٽيون ڏئي رهيو آهي ڪيس ڇيم.

”پر ميران! منهنجي هن ڪائنات ۾ احساسن جي پيل نه پر احساسن کي جلا ئي ملندي آهي، هر جلا مان نئون احساس ڦٽندو آهي ۽ وري اهو احساس انهن جلائن کي امر ڪري ڇڏيندو آهي.“

ميران جيڪا حيرانگيءَ جي ٻيڙي تي سوار هئي منهنجي ڇيل جملي تي ڳچ وقت سوچيندي ماٺ رهي پوءِ چيائين.

”جوڳي! اڳ ته ڪڏهن به مون تو ۾ اهڙيون توانايون نه ڏٺيون اٿم......تون ته لفظن جو به جادوگر آهين.....اهڙن مها لفظن جو تاثير منهنجي خشڪ من کي به سير آب ڪري ويو آهي، جيڪو ورهين کان غير آباد هو جنهن تي ڪنهن به احساس جي جلا جو سلو ڪونه ڦٽو هو.....ائين ڇو جوڳي!“

مون کي لڳو ميرا منهنجو پيرو پئي ڪڻندي اچي مون ڪيس ڇيو.

”ميران! اها ته تنهنجي اندر جي ڪائنات جي ڳاله آهي مون کي ڪهڙي خبر مون ته پنهنجي ئي ڪائنات جي احساسن جي تي ڳاله ڪئي.“

هوءَ ان تي ماٺ نه رهي چيائين.

”پر جوڳي! احساس ڪنهن جا به هجن، اهي ته ڪنهن جي ذاتي ملڪيت نه هجن ٿا ۽ اهي ته اسان جا مشترڪ هوندا آهن، جن کي آفاقي احساس چئجي ته به وڌاءُ نه ٿيندو. اهي احساس ئي آهن، جيڪي وقت گذرڻ سان گڏ ڪلاسيڪيت جو مان مرتبو حاصل ڪن ٿا. انهن ئي احساسن کي ڪٽي لاکيڻي لطيف، سٽن سورمين جي روپ ۾، پنهنجي شاعري ۾ امر ڪري ڇڏيو آهي.“

ميران لطيفي تنبوري جي تار کي ڇيڙي، منهنجي من جي تار کي به ڇيڙي وڌو. ان ويل ميران مونکي سوچ جو ساگر ٿي لڳي، جيڪا منهنجي من تي مونجه جي ڪٺ هئي، ميران جي احساسن جي جلا ان کي پري ڪرڻ ۾ سهارو بڻي ڪيس ڇيم.

”ميران! مون کي ته هاڻي خبر پئي، ته اهي ڪنهن جا به احساس، صرف ان جي ملڪيت نٿا هجن پر جيتري تائين اندر ۾ آهن ته ان جا پنهنجا آهن، پر جي ڪو روپ ٿا ڌارين ڪنهن به فن جو ته اهي اجتماعيت جو روپ ڌاري ٿا وڃن......!“

ميران مون کي ڏسي ٿورو مرڪي ۽ چيائين.

”جوڳي! مون کي ڪهڙي خبر مون ته پنهنجي انداز ۾ سوچيل خيال توسان شيئر پئي ڪيا مان ڪا فلاسفر ته ناهيان نه.......!“

ميران جو اهو ڇيو ته منهنجي به منهن تي مرڪ جون ريکائون ايري آيون ۽ ميران جو اهو ڏٺو ته مون کي چيائين.

”جوڳي! مون کي به ته اهو ”پلر جي پالوٽ“ وارو فن سيکار نه! جئين مان ان فن ذريعي پنهنجن

دردن کي گهٽائي سگهان ۽ زندگيءَ ۾ مليل دوکن کي وساري سگهان.....!!!“

مان جيڪو احساسن جي نئين ڪائنات ڏسي رهيو هوس ميران کي چئي ويٺم.

”ميران! اهو فن ڏيڻ بجاءِ فنڪار ئي تنهنجو ٿيڻ چاهي ته پوءِ.....؟“

منهنجي ايتري چوڻ تي پنهي پاسي نئين احساس جي ڪوڙين ڪيج ڪيا ۽ پلر جي پالوٽ ٿي ۽ ميران منهنجي ٻانهن جي آسيس ۾ اچي ويئي.

***

## گناهه

دل کي جو دل سان ڏنو ويو تہ اها ڳاله نڪ کي نہ وڻي سڏو اکين وٽ آيو.
”ﮪ دليون گڏ ڏسي آيو آهيان اها ڳاله مون کي صفا نہ وڻي....!“
”چو اهڙو ڪهڙو گناهه ٿي پيو....؟
”اسان وٽ ان ڳاله کي سٺو نہ سمجهيو ويندو آهي.“
”پوءِ تون هاڻي ڇا ڪندين؟“
ڪين ڳاڙهي ڳاڙهي رت ڪري ڇڏيندم“
”پوءِ تہ اهي پوپٽ ٻڻجي اڏري ويندا اپ ﻣﺮ!“
”بس منهنجي پت تہ رهجي ويندي نہ“
”تنهنجي پت نہ، تنهجو گناهه رهجي ويندو!!“

***

## امير

پاڙي وارا هن جي تڏي تي ويٺا هئا هڪ چيو.
”غريب هو ان ڪري ويچارو چڙي چڙي مري ويو.“
ٻئي چيو.
”ها ادا صحيح ٿو چوين، غربت وڏي لعنت آهي.“
ٽيئن چيو تہ.
”ان ڪري تہ ويچارو شادي ﮪ نہ ڪري سگهيو.“
انهيءَ تڏي تي هڪ ننڍڙو ٻار ﮪ ويٺو هو تنهن معصوميت سان چيو.
”توهان سڀئي چئو ٿا ويچارو غريب هو پر پاڙي وارا تہ ڪيس امير ڪري سڏيندا هئا“

***

